جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC
CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر:
سيد گل شاهه
جلد 17 | چنڇر 17 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 05 جمادي الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 06

سنڌ حڪومت ۽ عالمي ٽيڪنالاجي ڪمپني ’هئاوي‘ وچ ۾ تاريخي معاهدو، سنڌ کي ’ڊيجيٽل صوبو‘ بڻائڻ جو اعلان

هن جامع معاهدي ۾ مڪمل اي۔ گورننس ڊيجيٽلائيزيشن، صوبائي ڪلائوڊ ۽ ڊيٽا سينٽر جو بنيادي ڍانچو، سمارٽ سٽي حل، ۽ سنڌ جي نوجوانن لاءِ وڏي پيماني تي آءِ سي ٽي (ICT)مهارتن جي تربيت شامل آهي

يعني ٽيڪنالاجي خريد ڪرڻ کان وٺي گڏيل منصوبن، مقامي صلاحيتن، ۽ اسان جي نوجوانن لاءِ مهارتن ذريعي ان کي گڏجي بڻائڻ تائين، هن پنهنجي حڪومت جي اعليٰ سطحي سهڪار جو عزم ظاهر

جيئن هيءَ شراڪتداري شهرين لاءِ واضح نتيجا فراهم ڪري. اهو معاهدو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي شنگهائي ۾ هئاوي جي جديد ترين ليانچيو ليڪ آر اينڊ ڊي سينٽر جي اعليٰ سطحي دوري دوران طئي ٿيو

هن جامع معاهدي ۾ مڪمل اي۔ گورننس ڊيجيٽلائيزيشن، صوبائي ڪلائوڊ ۽ ڊيٽا سينٽر جو بنيادي ڍانچو، سمارٽ سٽي حل، ۽ سنڌ جي نوجوانن لاءِ وڏي پيماني تي آءِ سي ٽي مهارتن جي تربيت شامل آهي

هي فريم ورڪ آرٽيفيشل انٽيليجنس، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، سمارٽ سٽيز، ڊيجيٽل گورنمينٽ، ۽ AI_Native سمارٽ پارڪن ۾ وسيع تعاون جو احاطو ڪري ٿو

ٽيڪنالاجي خريد ڪرڻ کان وٺي گڏيل منصوبن، مقامي صلاحيتن، ۽ اسان جي نوجوانن لاءِ مهارتن ذريعي ان کي گڏجي بڻائڻ تائين. هڪ شراڪتداري جنهن جون پاڙون تحقيق ۽ جدت ۾ آهن

شنگهائي (رپورٽر) ٽيڪنالاجي جي تبديليءَ ڏانهن هڪ وڏي اڳيرائي ڪندي سنڌ حڪومت عالمي ٽيڪنالاجي جي وڏي ڪمپني هئاوي (Huawei)سان گڏ پاڪستان جو پهريون AI_native ڊيجيٽل صوبو قائم ڪرڻ لاءِ هڪ تاريخي ياداشتنامي (MoU)تي صحيحون ڪيون آهن. اهو معاهدو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي شنگهائي ۾ هئاوي جي ليانچ/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

وزيراعظم پاران سعودي عرب جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ

وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي عرب جي نئين مقرر ٿيل سفير ڊاڪٽر راجح طامي البقمي ملاقات ڪئي، ويراعظم پاڪستان اچڻ تي سفير جي آجيان ڪئي، ڪيس نئين ذميواري سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني

تازن سالن ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي لاڳاپن ۾ نمايان اڳيرائي ٿي آهي. هن مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ گهرو ۽ وسيع ڪرڻ جي لاءِ موجوده ادارجاتي مڪينزم کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

وزيراعظم سعودي عرب جي خلاف حوثي حملن ۾ تازي اضافي جي شديد مذمت ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ قيمتي جانيون ضايع ٿيون ۽ پاڪستاني شهرين سميت ڪيترائي بيگناهه ماڻهو زخمي ٿيا آهن

پاڪستان ۽ سعودي عرب سدائين هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل رهيا آهن اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدو ۽ مڪ گڏيل دفاعي اتحاد ٻنهي ملڪن جي پراڻي ڀائراڻي لاڳاپن ۾ تاريخي سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا

پاڪستان سعودي عرب جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي لاءِ ان سان گڏ بيٺل آهي. وزيراعظم پاڪستان کي فراهم ڪئي ويندڙ ڊگهي مدي واري اقتصادي ۽ مالي مدد تي سعودي قيادت جا ٿورا ادا ڪيا

هن سعودي سفير کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پراڻي ڀائراڻي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان پاران مڪمل حمايت ۽ تعاون جو يقين ڏياريو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف سعودي عرب جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي عرب جي نئين مقرر ٿيل سفير ڊاڪٽر راجح طامي البقمي ملاقات ڪئي، ويراعظم پاڪستان اچڻ تي سفير جي آجيان ڪئي، ڪيس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي عرب جو سفير ملاقات ڪندي

قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ چونڊ سڌارن بابت پارلياماني ڪميٽي قائم ڪرڻ جي تحريڪ منظور

قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ چونڊ سڌارن بابت پارلياماني ڪميٽي قائم ڪرڻ جي تحريڪ پيش ڪئي وئي

پارلياماني ڪميٽي چونڊ سڌارن لاءِ ٻنهي ايوانن جي ميمبرن تي مشتمل هوندي. ڪميٽيءَ ۾ سمورين سياسي پارٽين کي سندن تناسب موجب نمائندگي ڏني ويندي

ڪميٽي چونڊ سڌارن بابت پنهنجون تجويزون ۽ سفارشون تيار ڪندي سوالن جي وقفي دوران منشيات جي غيرقانوني اسمگلنگ بابت انگ اکر به قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيا ويا

اسلام آباد (بيورو)قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ چونڊ سڌارن بابت پارلياماني ڪميٽي قائم ڪرڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

خيبرپختونخوا جي دهشتگرديءَ جا اثر ٻين علائقن تائين پکڙجڻ جو خدشو آهي: شازيه مري

خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ جا لڳاتار واقعا ڳڻتيءَ جوڳا آهن، جتي هٿين خالي ۽ معصوم شهرين کي نشانو بڻايو پيو وڃي

صوبي ۾ ڪنهن جي به جان محفوظ ناهي ۽ ڪنهن به وقت ڪجهه به ٿي سگهي ٿو، پشاور شهر به هاڻي غير محفوظ بڻجي ويو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مرڪزي ترجمان شازيه مري چيو آهي ته خيبر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير اجلاس جي صدارت ڪندي

دهشتگرديءَ خلاف ويڙهه ۾ پي ٽي آءِ فوج سان گڏ آهي: شوڪت يوسفزئي

حڪومت دهشتگردي ختم ڪرڻ جي نالي تي آئي، پر ان پي ٽي آءِ خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف خيبرپختونخوا جي سڌ سماءُ واري سيڪريٽري ۽ اڳوڻي صوبائي وزير شوڪت يوسفزئي چيو آهي ته سند/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

شنگهائي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه شنگهائي جي ميئر سان ملاقات ڪندي

سرڪاري اسڪيم جي حج رهتن جي ٻي قسط جي ادائيگي ۾ 4 ڏينهن باقي آهن: مذهبي معاملن واري وزارت

اسلام آباد (بيورو) مذهبي معاملن واري وزارت چيو آهي ته سرڪاري اسڪيم جي حج رهتن جي ٻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسحاق ڊار جي صدارت ۾ سول ايوي ايشن جي شعبي ۾ اڳيرائي ۽ اهم ترجيحن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اقتصادي ترقي، واپار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

وفاقي وزير احد خان چيمه 2027ع لاءِ عالمي بئنڪ گروپ ۽ عالمي مالياتي فنڊ جي بورڊز آف گورنرز جو چيئرمين نامزد

بئنڪاڪ ۾ عالمي بئنڪ گروپ ۽ آءِ ايم ايف جي 2026ع جي ساليانو اجلاسن جي پلينري سيشن ۾ ڪيو ويو

پاڪستان 1953ع کانپوءِ پهريون ڀيرو ان اهم عهدي تي فائز ٿيندو جيڪو ملڪ لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل آهي

بئنڪاڪ (م ڊ)اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

آمريڪي اسڪول ۾ فائرنگ، حملو ڪندڙ سميت 5 ڄڻا مارجي ويا

منجهند جو بند دروازن تي فائرنگ ڪري زبردستي اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي

بينڊ پوليس جي سربراهه مائڪ ڪرينز واقعي جي تصديق ڪئي

بينڊ (م ڊ) آمريڪي رياست اوريگن جي هڪ پرائمري اسڪول ۾ 16 ورهين جي نوجوان جي فائرنگ جي نتيجي ۾ ٽن ٻارن ۽ هڪ استاد سمي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پرڏيهي وزارت سعودي عرب خلاف جاري حملن تي ڳڻتي ظاهر

اسلام آباد (بيورو) پرڏيهي وزارت سعودي عرب خلاف جاري حملن تي ڳڻتي ظاهر ڪندي رياض جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ذخيره اندوزي ڪندڙن ۽ مقرر اگهن کان وڌيڪ قيمتون وصول ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: اسحاق ڊار

اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ضروري کاڌي پيتي جي شين جي ذخيرن ۽ قيمتن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪابينا ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو

ملڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ کاڌي پيتي جي شين جا ڪافي ذخيرا موجود آهن. ڪنهن به قسم جي کوٽ جو خدشو ناهي ۽ قيمتون مستحڪم ٿي رهيون آهن

اسلام آباد (بيورو)نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير س/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني تقريب کي خطاب ڪندي

انٽرن شپ ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران 100 کان وڌيڪ ڪمپنين سان رابطا ڪيا پيا وڃن: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت شاگردن، يونيورسٽين مان تعليم مڪمل ڪندڙ نوجوانن ۽ ڪيريئر جي شروعاتي مرحلن ۾ موجود ماڻهن لاءِ انٽرن شپ ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ جو فيصلو ڪيو

آءِ ورڪ فار سنڌ ذريعي نوجوانن جي مهارتن ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن ۾ هم آهنگي پيدا ڪئي پئي وڃي. هن ڊجيٽل پليٽ فارم تي هن وقت تائين 51 لک 90 هزار کان وڌيڪ ماڻهو وزٽ ڪري چڪا آهن

هڪ لک 36 هزار 547 اميدوار رجسٽرڊ آهن. 721 ڪمپنيون پليٽ فارم تي موجود آهن ڊجيٽل پليٽ فارم ذريعي هن وقت تائين 31 هزار 270 نوڪرين جا موقعا پوسٽ ڪيا ويا آهن

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ حڪومت شاگردن، يونيورسٽين مان تعليم مڪمل ڪندڙ نوجوانن ۽ ڪيريئر جي شروعاتي مرحلن ۾ موجود ماڻهن لاءِ انٽرن شپ ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته انٽرن شپ ۽ روزگار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

دهشتگردي ختم ٿيڻ بعد انتظام صوبائي حڪومت حوالي ڪرڻ جو اعلان

بامقصد ڳالهين لاءِ حڪومت جا دروازا کليل آهن. مخالف ڌر سنجيده ۽ بامقصد ڳالهه ٻولهه ڪرڻ چاهي ٿي ته ان کي ڀليڪار ڪيو ويندو: وفاقي وزير

خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ لاءِ آئيني گهرجون پوريون ٿي چڪيون آهن

صوبي ۾ هاڻي ٽيون مرحلو شروع ٿي ويو آهي، جنهن لاءِ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي هئي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير پارلياماني معاملن طارق فضل چوڌري چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ تي ضابطو آڻڻ بعد صوبي جو انتظام صوبائي حڪومت حوالي ڪيو ويندو.اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي طارق فضل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

خيبرپختونخوا ۾ شهيد ۽ زخمي پوليس اهلڪارن جي پيڪيج ۾ اضافو

صوبائي حڪومت شهيد پوليس اهلڪارن جي وارثن لاءِ معاوضي جي رقم وڌائي ڇڏي اڳوڻي پلاٽ الاٽمينٽ واري اسڪيم ۾ ترميم ڪندي پلاٽن بدران وارثن کي روڪ رقم ڏيڻ جو فيصلو

سب انسپيڪٽرن (ايس آءِ) ۽ انسپيڪٽرن جي وارثن کي معاوضي طور هڪ ڪروڙ 10 لک رپين بدران هڪ ڪروڙ 70 لک رپيا ڏنا ويندا

شهيد ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ڊي ايس پي) ۽ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (اي ايس پي) جي وارثن لاءِ معاوضو هڪ ڪروڙ 60 لک رپين مان وڌائي اڍائي ڪروڙ رپيا ڪيو ويو

پشاور(م ڊ)خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي صوبي ۾ امن امان جي قيام لاءِ فرض جي ادائيگي دوران شهيد يا زخمي ٿيندڙ پوليس اهلڪارن جي معاوضي واري پيڪيج وڌائڻ جو اعلان ڪيو آهي. صوبائي حڪومت شهيد پوليس اهلڪارن جي وارثن لاءِ معاوضي جي رقم وڌائي ڇڏي آهي. جڏهن ته اڳوڻي پلاٽ الاٽمينٽ واري اسڪيم ۾ ترميم ڪندي پلاٽن بد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

پنجاب اي آءِ جي دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي، خيبرپختونخوا پٿر جي دور ۾ آهي: مريم نواز

اڄ پنجاب هٽرادو ڏاهپ واري ٽيڪنالوجي (اي آءِ) جي دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي، خيبرپختونخوا پٿر جي دور ۾ آهي

جيڪي چوندا هئا ته هنن عوام کي شعور ڏنو، ان عوام جون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيون، پي ٽي آءِ جي حڪومت ڪنهن ختم نه ڪئي، پر هنن پاڻ پنهنجي حڪومت ختم ڪئي

اهو پهريون لانگ مارچ هو، جيڪو پنهنجي ئي حڪومت ختم ٿيڻ تي پڇاڙيءَ تي پهتو، جا ڪڏهن ائين ڏٺو آهي ته هڪ صوبو ٻئي صوبي يا وفاق تي حملو ڪري؟

اهو پهريون لانگ مارچ هو، جنهن پنهنجي ئي حڪومت کي ختم ڪري ڇڏيو هاڻي خيبرپختونخوا جي ماڻهن کي خبر پوندي ته ترقي ڇا کي چئبو آهي

ساهيوال (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز چيو آهي ته اڄ پنجاب هٽرادو ڏاهپ واري ٽيڪنالوجي (اي آءِ) جي دور ۾ داخل ٿي رهيو آهي، جڏهن ته خيبرپختونخوا پٿر جي دور ۾ آهي. ساهيوال ۾ شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

اسلام آباد: وفاقي وزير احد چيمه ورلڊ بينڪ جي وفد سان ملاقات ڪندي

قومي اسيمبليءَ جي اجلاس جو 7 نڪاتي ايجنڊا جاري

اسلام آباد (بيورو) اڄ صبح 11 وڳي طلب ڪيل قومي اسيمبليءَ جي اجلاس جو ست نڪاتي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پاڪستان جي 16.1 سيڪڙو آبادي غذائي کوٽ جو شڪار

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان عالمي بک انڊيڪس (جي ايچ آءِ) 2026ع ۾ ڏکڻ ايشيا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

نارٿ ڪراچيءَ ۾ قتل ٿيل بزرگ زال مڙس محمد يامين خان ۽ سندس گهرواري نفيسه اختر کي مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي

ڪراچي (رپورٽر)نارٿ ڪراچيءَ ۾ قتل ٿيل بزرگ زال مڙس محمد يامين خان ۽ سندس گهروار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: شهريءَ جي قتل ۾ ملوث جوابدار پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

جوابدار شاهه لطيف ٽائون ۾ ڦرُ دوران مزاحمت ڪرڻ تي هڪ شهريءَ کي قتل ڪيو هو

واقعي کانپوءِ پوليس سي سي ٽي وي فوٽيجز جي مدد سان جوابدار کي سڃاڻي گرفتار ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچيءَ جي علائقي شاهه لطيف ٽائون ۾ پوليس مقابلي دوران شهريءَ جي قتل ۾ ملوث جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيڻ ڪانپوءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

پشاور ۾ پوليس پوسٽ تي دهشتگردن جو حملو، هڪ اهلڪار شهيد

گذريل رات حسن خيل جي سپين ميلي واري پوليس پوسٽ تي دهشتگردن حملو ڪيو

پوليس اهلڪارن جي جوابي فائرنگ بعد حملو ڪندڙ فرار ٿي ويا

جوابي ڪارروائي ۾ ڪيترن ئي دهشتگردن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن فرار ٿيل دهشتگردن جي ڳولا جاري آهي

پشاور (م ڊ) پشاور جي حسن خيل واري علائقي ۾ دهشتگردن جي پوليس پوسٽ تي حملي ۾ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو. سي سي پي او پشاور ميان سعيد موجب، گذريل رات حسن خيل جي سپين ميلي واري پوليس پوسٽ تي دهشت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اسلام آباد: پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان آزاد ڪشمير جو وزيراعظم ملاقات ڪندي

انمول عرف پنڪي منشيات جي ٻن ڪيسن مان آزاد

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت منشيات ۽ سهولتڪاريءَ جي ڪيسن ۾ جوابدار عورت جي بريت واري درخواست منظور

ثبوت نه هجڻ جي بنياد تي ڪيس بري ڪرڻ ۽ آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي(رپورٽر)منشيات جي ڪيسن ۾ نامزد انمول عرف پنڪي کي وڌيڪ ٻن ڪيسن ۾ بري ڪيو ويو آهي. ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

اٽي جي اگهن ۾ وڌيڪ واڌ، ڪراچي مهانگو ترين شهر قرار

ڪراچيءَ ۾ 20 ڪلواٽي جي ٿيلهي جي قيمت ۾ 140 رپيا واڌ ٿيڻ ڪانپوءِ اها 3,540 رپين تائين پهچي وئي

فيصل آباد ۾ 20 ڪلواٽي جي ٿيلهي جي قيمت 800 رپيا وڌي 3,000 رپيا ٿي وئي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچيءَ جا شهري ملڪ ۾ سڀ کان مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن.وفاقي ادارو شمارياتوفاقي اداري شمار/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

سينيٽ جي اجلاس ۾ گهرو وزارت پاران لکت ۾ جواب پيش ڪيو ويو

اسلام آباد ۾ هلندڙ سال اغوا جا 491 ڪيس داخل ٿيا، جن ۾ نامزد 438 جوابدارن مان 106 کي گرفتار ڪيو ويو

327 جوابدار مفرور آهن گهرو وزارت موجب، جنسي زيادتي جا 177 ڪيس داخل ٿيا

اسلام آباد (بيورو)سينيٽ جي اجلاس ۾ گهرو وزارت پاران لکت ۾ جواب پيش ڪيو ويو. جنهن ۾ وفاقي گاديءَ واري شهر اسلام آباد ۾ 20/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

اسٽيل ٽائون مان اغوا ٿيل نوجوان جو لاش هٿ، 2 ڄڻا گرفتار

پوليس ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي حراست ۾ وٺڻ جي دعويٰ ڪئي

زين العابدين 14 آڪٽوبر تي موٽرسائيڪل تي گهران نڪتو هو، جنهن ڪانپوءِ واپس نه موٽيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي اسٽيل ٽائون مان اغوا ٿيل 23 ورهين جي نوجوان زين العابدين جو لاش گلشن حديد ويجهو جهنگ مان هٿ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

26 نومبر ڪيس، عليمه خان خلاف فيصلو ٻيهر ملتوي

ڪيس جي ٻڌڻيءَ دوران عدالت محفوظ ڪيل فيصلو بغير ڪنهن ڪارروائيءَ جي 26 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

ٻڌڻيءَ جي موقعي تي عليمه خان جو وڪيل فيصل ملڪ عدالت ۾ پيش ٿيو

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊيءَ جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان خلاف 26 نومبر واري احتجاج جي سلسلي ۾ داخل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ڪراچي: پاڪستان شيفس ڪلب جي زيراهتمام چوٿين ڪليزي چيمپين شپ جي تقريب جو ڏيک

ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ خلاف اپوزيشن اتحاد جي درخواست داخل

پشاور هاءِ ڪورٽ ان ڪري آيا آهن، ڇاڪاڻ ته ”چار ڪروڙ عوام جي حڪومت ختم ڪئي وئي آهي“ محمود خان اڇڪزئي

سمورين سياسي قوتن ڳالهين ذريعي مسئلن جو حل ڳولڻ ۽ اهڙي قومي پاليسي جوڙي وڃي، جنهن تحت سمورا ادارا پنهنجي آئيني دائري اندر ڪم ڪن

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان تي معاهدي لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي، ماضيءَ ۾ نواز شريف ۽ بينظير ڀٽو سان به ساڳيو رويو اختيار ڪيو ويو هو

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ خلاف اپوزيشن اتحاد جي اڳواڻن پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي اپوزيشن اتحاد جي اڳواڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪي پي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي خلاف درخواستون ٻڌڻيءَ لاءِ منظور

درخواستون بئريسٽر گوهر خان ۽ ايڊووڪيٽ سلمان خان الڳ الڳ داخل ڪرايون آهن، جن ۾ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن سميت ٻين لاڳاپيل اختيارين کي ڌر بڻايو ويو

درخواستن ۾ وفاق پاڪستان، صدر، وزيراعظم، خيبرپختونخوا جي گورنر ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي فرياد ۾ شامل ڪيو ويو

دهشتگرديءَ کي بنياد بڻائي چونڊيل صوبائي حڪومت خلاف ڪارروائي ڪرڻ امتيازي سلوڪ آهي

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ خلاف داخل ڪيل درخواستون ٻڌڻيءَ لاءِ منظور ڪري ورتيون آهن. درخواستون بئريسٽر گوهر خان ۽ ايڊووڪيٽ سلمان خان الڳ الڳ داخل ڪرايون آهن. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

موسمياتي تبديليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قدم ٻنهي ملڪن جي پراڻن لاڳاپن کي نئين بلندين تائين پهچائي سگهن ٿا: وفاقي وزير

موسمياتي تبديليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل قدم ٻنهي ملڪن جي پراڻن لاڳاپن کي نئين بلندين تائين پهچائي سگهن ٿا

پاڪستان، جرمنيءَ جي جدت ۽ تحقيق واري نظام مان فائدو حاصل ڪندي ماحول دوست ڪاروبار کي هٿي ڏيڻ ۽ اهڙا پائيدار حل تيار ڪرڻ چاهي ٿو

حڪومت ملڪ ۾ گرين اسٽارٽ اپس کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ نئين ڪاروباري تحريڪ شروع ڪرڻ چاهي ٿي

جنهن ذريعي نوجوان محقق ۽ جدت آڻيندڙ ماڻهو پنهنجن خيالن کي عملي ڪاروبار ۾ تبديل ڪري سگهنهن

اسلام آباد (بيورو) موسمياتي تبديليءَ واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ پاڪستان ۽ جرمنيءَ وچ ۾ گرين اسٽارٽ اپس، پائيدار جدت ۽ تحقيق جي شعبن ۾ سهڪار کي وڌيڪ وڌائڻ تي زور ڏيندي چيو آهي ته موسمياتي تبديليءَ کي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي ميڊيا سان ڳالهائيندي

عورت فوت ٿيڻ جو ڪيس، مڙس سميت ٻين مٿان ڪيس داخل

ٿرپارڪر (رپورٽر)ٿرپارڪر ۾ 30 ورهين جي عورت جي مبينا طور فوت ٿيڻ جو ڪيس مڙس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

سون جي في تولو اگهه ۾ اڄ 2800 رپين جي واڌ

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ سون جي في تولو اگهه ۾ اڄ 2800 رپين جي واڌ ٿي وئي آهي. آل پاڪستان صرافه جيمز اينڊ جيولرز ايسو/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ٽرمپ جو ايران ۾ زميني فوج موڪلڻ جو امڪان رد

ايران ۾ آمريڪي فوجي دستا مقرر ڪرڻ جو به سندس ڪو ارادو ناهي

آمريڪا ايٽمي هٿيارن جي خاتمي واري معاملي تي روس ۽ چين سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهي

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران خلاف ايٽمي هٿيار استعمال نه ڪرڻ جو اعلان ڪندي ملڪ ۾ آمريڪي زميني فوج مقرر ڪرڻ جو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پاڪستان سميت ڪيترن ئي مسلمان ملڪن پاران ڪولمبيا طرفان والاريل يروشلم ۾ سفارتخانو کولڻ جي سخت مذمت

اسلام آباد (بيورو)پاڪستان سميت ڪيترن ئي مسلمان ملڪن پاران ڪولمبيا طرفان والاريل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

سنڌ ٽوڙڻ ۽ وسيلن تي قبضي خلاف محبت سنڌ ريلين جو اعلان

سنڌ جي سمنڊ، ٻيٽن، ڊيلٽا، بندرگاهن، ٻيلن، جبلن ۽ ٻين وسيلن تي قبضي جون سازشون ڪيون پيون وڃن: ايازلطيف پليجو

اهي وسيلا سنڌي قوم جي هزارين سالن جي امانت آهن، جيڪي ڪنهن به حڪومت، اداري يا ڪمپنيءَ جي جاگير ناهن

سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ بابت ڪنهن به قسم جي سوديبازي قبول نه ڪئي ويندي ۽ ان جو هڪ انچ به ڪنهن کي نه ڏنو ويندو

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ ٽوڙڻ جي سازش ۽ وسيلن تي قبضي جي منصوبن خلاف محبت سنڌ ريلين ۽ جلسن جو اعلان ڪيو ويو آهي.قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه ايازلطيف پليجي چيو آهي ته سنڌ جي سمنڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

ڇنڇر 17 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 05جمادي الاول 1448ھ

آمريڪي جنگي جنون ۽ انسانيت جو مستقبل

آمريڪي ميڊيا موجب خبر آئي آهي ته
آمريڪي فوج ايران خلاف نون حملن جي منصوبابندي ڪري رهي آهي، جنهن ۾ 'مدر آف آل بمز' نالي وڏي غيرجوهري بم جي استعمال تي پڻ غور ڪيو پيو وڃي. رپورٽن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ممڪن حملن جو هدف ايران جي توانائيءَ جي بنيادي ڍانچي ۽ جوهري نڪاڻن کي بڻائڻ تي سگهي ٿو. جڏهن ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران خلاف وڏي فوجي ڪارروائي کان پوءِ جنگ ۾ فتح جو اعلان ڪري خطي مان آمريڪي فوجن جي واپسيءَ جو فيصلو پڻ ڪري سگهي ٿو. بهرحال، اهي تفصيل آمريڪي ميڊيا جي رپورٽن ۽ ذريعن تي ٻڌل آهن؛ هن مرحلي تي انهن کي ڪنهن حتمي فوجي فيصلي يا حملي جي تصديق طور نه ڏسڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اهڙي منصوبي تي واقعي عمل ڪيو ويو ته ان جا اثر رڳو ايران تائين محدود نه رهندا. پر سڄي وچ اوڀر، عالمي معيشت، توانائيءَ جي رسد ۽ عالمي امن تي به پئجي سگهن ٿا.

دنيا هن وقت اهڙي دور مان گذري رهي آهي، جتي جنگين جا اثر سرحدن اندر بند نٿا رهن. هڪ ملڪ تي ٿيندڙ حملو پاڙيسري ملڪن جي سلامتيءَ کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿو، عالمي واپار کي متاثر ڪري سگهي ٿو ۽ تيل توڙي گئس جي قيمتن ۾ اهڙو اضافو آڻي سگهي ٿو، جنهن جو بار آخرڪار عام ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ اڳ ئي عالمي سياست لاءِ هڪ وڏو سوال بڻيل آهي. جيڪڏهن ان ڇڪتاڻ کي ڳالهين بدران وڌيڪ تباهيءَ وارن هٿيارن جي استعمال سان حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿي سگهي ٿي. جنگ شروع ڪرڻ يا ان کي وڌائڻ جو فيصلو ڪرڻ آسان ٿي سگهي ٿو، پر ان جي نتيجن کي روڪڻ ۽ امن بحال ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڏهاڪا لڳي ويندا آهن.

'مدر آف آل بمز' کي آمريڪا جي سڀ کان وڏي غير جوهري بمن مان هڪ قرار ڏنو وڃي ٿو. ان جي وڏي تباهيءَ واري صلاحيت بابت رپورٽن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اهو زمين جي مٿاڇري تي وڏي علائقي کي متاثر ڪري سگهي ٿو. پر اهم سوال اهو آهي ته ڇا اهڙي طاقتور بم جو استعمال واقعي ڪنهن ملڪ جي جوهري پروگرام کي ختم ڪري سگهي ٿو، يا ان جي نتيجي ۾ رڳو وڌيڪ تباهي، جاني نقصان ۽ نفرت ۾ اضافو ٿيندو؟ رپورٽن ۾ اهو خدشو به ظاهر ڪيو ويو آهي ته سخت پٿريلي تهن هيٺ موجود جوهري نڪاڻن تائين اهڙي بم جي پهچ محدود ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن فوجي ڪارروائيءَ سان گهربل مقصد حاصل نه ٿئي، پر ان جي نتيجي ۾ بيگناهه ماڻهن جون حياتيون وڃائجن، شهرن جو بنيادي ڍانچو تباهه ٿئي ۽ خطي ۾ بدامني وڌي وڃي، ته اهڙي ڪارروائيءَ جي انساني ۽ سياسي قيمت تمام وڏي هوندي.

جنگ ۾ فتح جو اعلان ڪرڻ ۽ حقيقت ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ ٻه الڳ ڳالهيون آهن. ڪو به ملڪ پنهنجي فوجي طاقت جي بنياد تي ڪنهن حملي کي ڪاميابي قرار ڏئي سگهي ٿو، پر جيڪڏهن ان حملي کان پوءِ مخالف ملڪ ۾ انتقامي جذبا وڌن، علائقي ۾ نوان تڪرار جنم وٺن ۽ عام ماڻهو وڌيڪ غيرمحفوظ ٿي وڃن ته ان کي پائيدار ڪاميابي نٿو چئي سگهجي. افغانستان، عراق ۽ ٻين جنگي علائقن جي تجربن مان دنيا کي اهو سبق ملڻ گهرجي ته فوجي طاقت ذريعي ڪنهن مسئلي کي عارضي طور دٻائي سگهجي ٿو، پر سياسي اختلافن، سلامتيءَ جي خدشن ۽ تاريخي تڪرارن جو مستقل حل ڳالهين، سفارتڪاريءَ ۽ گڏيل معاهدن ذريعي ئي ممڪن بڻجي سگهي ٿو.

آمريڪا جو موقف رهيو آهي ته ايران کي جوهري هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪڻ ضروري آهي، جڏهن ته ايران پنهنجي سلامتي، خودمختياري ۽ جوهري پروگرام بابت پنهنجا موقف رکي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ عالمي برادريءَ جي ذميواري آهي ته هو الزام تراشي ۽ طاقت جي مظاهري کان اڳ حقيقتن، عالمي قانون ۽ سفارتي حل کي اهميت ڏئي. جوهري هٿيارن جي پکيڙ روڪڻ عالمي امن لاءِ اهم مقصد آهي، پر ان مقصد جي حاصلات لاءِ اهڙا قدم کڻڻ به ضروري آهن، جيڪي جنگ کي وڌيڪ پکڙائڻ بدران تڪرار کي گهٽائين. گڏيل قومن ۽ عالمي طاقتن کي گهرجي ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڳالهين لاءِ اثرائتو ماحول پيدا ڪن. سفارتي رابطا بحال ڪرائين ۽ اهڙا واضح رستا اختيار ڪن، جن سان ڪنهن به ڌر کي پنهنجي سلامتيءَ بابت خدشا دور ڪرڻ جو موقعو ملي.

هن صورتحال جو هڪ ٻيو اهم پاسو توانائيءَ جي عالمي رسد آهي. ايران ۽ وچ اوڀر جو خطو عالمي تيل ۽ گئس جي فراهميءَ لاءِ وڏي اهميت رکي ٿو. جيڪڏهن جنگ وڌي ٿي ته ساموندي واپاري رستا متاثر ٿي سگهن ٿا، تيل جي فراهميءَ ۾ رنڊڪون پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ عالمي منڊيءَ ۾ قيمتون وڌي سگهن ٿيون. ان جو اثر خاص طور پاڪستان جهڙن ملڪن تي پوندو، جيڪي پنهنجي توانائيءَ جي ضرورتن لاءِ ٻاهرين ملڪن تي ڀاڙين ٿا. تيل جي قيمتن ۾ اضافو ٽرانسپورٽ، بجلي، زرعي پيداوار ۽ روزمره جي شين جي اگهن تي دٻاءُ وڌائي سگهي ٿو. اهڙي ريت جنگ جي ميدان کان هزارين ميل پري رهندڙ غريب ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو به ان جا معاشي نتيجا ڀوڳڻ تي مجبور ٿي سگهن ٿا.

پاڪستان لاءِ به ضروري آهي ته هو خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ، امن جي بحالي ۽ سفارتي رابطن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. پاڪستان جا ايران سان پاڙيسري لاڳاپا آهن، جڏهن ته آمريڪا سان به مختلف شعبن ۾ رابطا موجود آهن. اهڙي پسمنظر ۾ پاڪستان کي ڪنهن به اهڙي قدم کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪو ڪيس غيرضروري طور جنگي ڇڪتاڻ ۾ ڌڪي، ۽ ان جي بدران ڳالهين، جنگبندي ۽ عالمي قانون جي پاسداريءَ جي حمايت ڪرڻ گهرجي. خطي ۾ امن پاڪستان جي پنهنجي معاشي ۽ قومي مفادن لاءِ پڻ اهم آهي، ڇاڪاڻ ته جنگي صورتحال سرحدي سلامتيءَ، واپار، توانائيءَ ۽ عوام جي معاشي حالتن تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي.

سڀ کان وڌيڪ افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته جنگين جا فيصلا اڪثر حڪمران ۽ فوجي قيادتون ڪن ٿيون، پر انهن جي قيمت عام ماڻهو ادا ڪن ٿا. گهر تباهه ٿين ٿا، ٻار تعليم کان محروم ٿين ٿا، خاندان پنهنجن پيارن کان وڇڙي وڃن ٿا ۽ صحت توڙي پاڻيءَ جهڙيون بنيادي سهولتون ختم ٿي وڃن ٿيون. جديد دور ۾ هٿيارن جي طاقت وڌڻ سان جنگ جا خطرا به وڌي ويا آهن. تنهنڪري عالمي اڳواڻن تي ذميواري وڌيڪ عائد ٿئي ٿي ته اهي ڪنهن به فوجي قدم کان اڳ ان جي انساني نتيجن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪن. طاقت جو اصل مقصد ماڻهن جي تحفظ ۽ امن کي يقيني بڻائڻ هجڻ گهرجي، نه ڪي تباهيءَ کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ.

اڄ دنيا کي اهڙي قيادت جي ضرورت آهي، جيڪا جنگي ڪاميابين جي اعلانن بدران امن جي ڪاميابيءَ کي اهميت ڏئي. ايران خلاف ڪنهن وڏي بم جي ممڪن استعمال بابت رپورٽون رڳو هڪ فوجي منصوبي جو ذڪر نه آهن، پر اهي انسانيت کي درپيش ان وڏي سوال ڏانهن به ڌيان ڇڪائين ٿيون ته ڇا عالمي تڪرارن جو حل وڌيڪ خطرناڪ هٿيارن ۾ ڳوليو ويندو يا عقل، ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ ۾؟ جيڪڏهن عالمي طاقتون واقعي امن چاهين ٿيون ته کين ڌمڪين ۽ حملن جي منصوبابنديءَ بدران ڳالهين جا دروازا کولڻا پوندا. جنگ جو اعلان ڪرڻ کان وڌيڪ اهم جنگ کي روڪڻ ۽ دشمن کي شڪست ڏيڻ کان وڌيڪ ضروري انساني جانين کي بچائڻ آهي. دنيا کي هاڻي وڌيڪ بارود نه، پر امن، انصاف ۽ ذميوار سفارتڪاريءَ جي ضرورت آهي.S

عنوان: اسڪول ويل معصوم ٻارڙا موٽي نه آيا، مائرن جون جهوليون خالي ٿي ويون

غلام مصطفيٰ جمالي

اڄ پشاور جي ڌرتي به شايد پنهنجا ڳوڙها روڪي نه سگهندي هوندي. اڄ ڪنهن ماءُ جي جهولي اجڙي وئي، ڪنهن پيءُ جي پوڙهائپ جو سهارو ڪسجي ويو، ڪنهن ڀيڻ کان سندس ڀاءُ هميشه لاءِ وڇڙي ويو ۽ ڪنهن گهر مان اها معصوم آواز هميشه لاءِ خاموش ٿي وئي، جيڪا هر صبح خوشيءَ سان چوندي هئي، "امڙ! مان اسڪول وڃان ٿو، مون لاءِ دعا ڪجانءِ."

ڪنهن کي خبر هئي ته اڄ اسڪول ويندڙ انهن معصوم ٻارڙن جا ننڍڙا قدم پنهنجي پيرن تي واپس نه موٽندا؟ ڪنهن سوچيو هوندو ته جن ٻارن کي مائرن صبح جو پيار سان تيار ڪري اسڪول موڪليو انهن ئي مائرن کي شام ٿيڻ کان اڳ پنهنجي جگر جي ٽڪرن جا لاش ڏسڻا پوندا؟ ڪهڙي ماءُ جي دل ۾ اهو خيال آيو هوندو ته جنهن ٻار جي ٿيلهي ۾ هن ڪتاب، پينسلون ۽ مانيءَ جو ننڍڙو دٻو رکيو آهي، اهو ئي ٻار ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ ڪفن ۾ ويڙهيل سندس سامهون هوندو؟

پشاور جي هڪ خانگي اسڪول جي ڇت ڪري پئي ته رڳو هڪ عمارت ڊهي نه، پر ڪيترن ئي خاندانن جون خوشيون به مٽيءَ ۾ ملي ويون. جنهن ڪلاس ۾ ٻارن جا کلڻ ۽ پڙهڻ جا آواز گونجڻ گهرجن ها، اتي رڙين، سڏڪن ۽ ملبي هيٺ دٻجي ويل خوابن جي دردناڪ ڪهاڻي رهجي وئي. اهي تختيون، جن تي ننڍڙا هٿ اکر لکندا هئا، اهي ٿيلها، جن ۾ مستقبل جا خواب رکيل هئا، ۽ اهي ڪتاب، جن جي صفحن مان علم جي روشني ڦهلجڻي هئي، سڀ هن حادثي جي دردناڪ منظر جو حصو بڻجي ويا.

ذرا هڪ لمحي لاءِ تصور ڪريو ته هڪ ماءُ گهر ۾ ويٺي پنهنجي ٻار جي واپسيءَ جو انتظار ڪري رهي آهي. شايد هن منجهند جي مانيءَ ۾ ٻار جي پسند جو کاڌو تيار ڪيو هجي. شايد هن سوچيو هجي ته ٻار اسڪول مان ايندو ته ڪيس ڀاڪر پائيندي، سندس پيشاني چمندي ۽ پڇندي ته اڄ استاد ڇا پڙهايو؟ شايد هن پنهنجي ٻار لاءِ ڪا نئين شيءِ به سنڀالي رکي هجي، يا سندس پسند جي مٺائي وٺڻ جو ارادو ڪيو هجي. پر ان ماءُ کي ڪهڙي خبر هئي ته جنهن دروازي مان سندس جگر جو ٽڪرو صبح جو مرڪندي ٻاهر نڪتو هو، ساڳئي دروازي مان ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ سندس زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ڏک اندر داخل ٿيڻ وارو هو.

پوءِ اوچتو خبر اچي ٿي ته اسڪول جي ڇت ڪري پئي آهي. پهرين ته ماءُ جو دل ان خبر کي مڃڻ کان انڪار ڪري ٿو. هوءَ پنهنجي ٻار کي فون ڪري ٿي، پر جواب نٿو ملي. ٻيهر فون ڪري ٿي، وري ڪري ٿي، پر هِتي پاسي خاموشي آهي. سندس هٿ ڏڪڻ لڳن ٿا، دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي ٿي ۽ اکين اڳيان اونداهي ڇانئجي وڃي ٿي. هوءَ دروازي ڏانهن ڊوڙي ٿي، ڪنهن کان سواري گهري ٿي، ڪنهن کان رستو پڇي ٿي، ۽ هر گذرندڙ لمحي سان سندس دل ۾ هڪ ئي دعا گونجي ٿي: يا الله! منهنجو ٻار جيئرو هجي، منهنجو ٻار خيريت سان هجي. ان ماءُ کي ڪهڙي خبر ته ملبي هيٺ زندگي ۽ موت جي جنگ وڙهندڙ ٻارن ۾ سندس ٻار به ٿي سگهي ٿو. ڪيس ڪهڙي خبر ته سندس ٻار جا ننڍڙا هٿ مدد لاءِ مٿي ڪڃيا هجن، سندس معصوم آواز ڪنهن کي سڏي رهيو هجي، ۽ سندس اکيون شايد ان روشنيءَ کي ڳولي رهيون هجن، جنهن ۾ ڪجهه ڪلاڪ اڳ هو پنهنجي استاد جو چهرو ڏسي رهيو هو.

جڏهن بچاءَ وارا اهلڪار ملبو هٽائين ٿا، زخمي ٻارن کي ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو ۽ اسپتالن ۾ والدين پنهنجن ٻارن جا نالا سڏين ٿا، تڏهن هر چهري تي هڪ ئي سوال هوندو آهي: منهنجو ٻار ڪٿي آهي؟

ڪجهه والدين کي پنهنجن ٻارن جي جيئري هجڻ جي خبر ملي ٿي ته اهي کين ڇاتيءَ سان لڳائي روئن ٿا. سندن منهن چمن ٿا ۽ شايد زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو محسوس ڪن ٿا ته ٻار جي ساهه کان وڏي ڪا به دولت ناهي. پر ڪجهه والدين جي حصي ۾ اها خبر اچي ٿي، جيڪا ٻڌڻ کان اڳ شايد موت اچي وڃي ته بهتر هجي. کين ٻڌايو وڃي ٿو ته سندن ٻار هاڻي هن دنيا ۾ ناهي رهيو.

اهو اهڙو لمحو هوندو آهي، جڏهن انسان وٽ لفظ ختم ٿي ويندا آهن. پيءُ جا مضبوط ڪلها ٽٽي پوندا آهن، ماءُ جي دانهن آسمان کي چيري ڇڏيندي آهي ۽ گهرجون پٿيون به جڻ ان درد کي برداشت نه ڪري سگهنديون آهن. هڪ پيءُ، جنهن پنهنجي ٻار جي تعليم لاءِ پنهنجون ضرورتون قربان ڪيون، اسڪول جي فيس ڀرڻ لاءِ پنهنجون خواهشون دٻايون ۽ اُس ۾ پورهيو ڪيو ته جيئن سندس پٽ يا ڌيءَ بهتر مستقبل حاصل ڪري سگهي، اڄ ساڳئي ٻار جي جنازي کي ڪلهو ڏيڻ تي مجبور ٿي ويو آهي.

اهو پيءُ، جنهن پهريون ڀيرو ٻار کي اسڪول ڇڏڻ وقت سندس ننڍڙو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو هو، اڄ سندس بي جان جسم کي آخري سفر تي روانو ڪرڻ لاءِ هٿ وڌائي ٿو. اها ماءُ، جنهن پنهنجي ٻار کي پهريون ڀيرو هلڻ سيکاريو هو، اڄ سندس قبر اڳيان بيهي سڄي عمر لاءِ ڄڻ خاموش ٿي وڃي ٿي.

اي منهنجي وطن جا حڪمرانو! ذرا سوچيو ته انهن والدين تي ڇا گذري رهي هوندي؟ ڇا سرڪاري بيان جا ڪجهه جملا سندن زخمن تي مرهم رکي سگهندا؟ ڇا تعزيت جا لفظ ان ماءُ کي سندس ٻار واپس ڏئي سگهندا؟ ڇا مالي امداد ان پيءُ کي اها خوشي واپس ڏياري سگهندي، جنهن لاءِ هن سالن تائين پورهيو ڪيو هو؟ نه، هرگز نه. ڪي نقصان اهڙا هوندا آهن، جن جي تلافي دنيا جي ڪا به دولت نٿي ڪري سگهي.

پر ان جو مطلب اهو به ناهي ته ذميوارن جو پتو نه لڳايو وڃي، جاچ نه ڪئي وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙن حادثن کي روڪڻ لاءِ قدم نه کنيا وڃن. ڏکويل خاندانن کي همدرديءَ سان گڏ انصاف به گهرجي. کين اهو حق حاصل آهي ته هو ڄاڻي سگهن ته سندن ٻارن جون جانيون ڪهڙين حالتن ۾ ضايع ٿيون. عمارت جي حالت ڪهڙي هئي، حفاظتي انتظام موجود هئا يا نه، ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي غفلت ثابت ٿئي ٿي ته قانون موجب ان خلاف ڪارروائي ڇو نه ڪئي وڃي. اسڪول رڳو چئن پٿين، ڇت ۽ ڪجهه ڪمرن جو نالو ناهي. اسڪول اها جاءِ آهي، جتي قوم جو مستقبل پروان چڙهي ٿو. اتي ايندڙ هر ٻار ڪنهن گهر جي خوشي، ڪنهن ماءُ جي اميد، ڪنهن پيءُ جو خواب ۽ ڪنهن خاندان جو سرمايو هوندو آهي. والدين پنهنجن ٻارن کي ان يقين سان اسڪول موڪليندا آهن ته اتي هو محفوظ رهندا، علم حاصل ڪندا ۽ هڪ ڏينهن پنهنجي پيرن تي بيهندا. جيڪڏهن تعليمي ادارن جون عمارتون ئي ٻارن لاءِ خطرو بڻجي وڃن ته والدين پنهنجي مستقبل کي ڪهڙي اعتماد سان انهن جي حوالي ڪن؟

هي حادثو اسان کي هڪ تلخ حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ته ٻارن جي حفاظت رڳو والدين جي ذميواري ناهي، پر اسڪول انتظاميا، لاڳاپيل کاتن ۽ رياست جي به بنيادي ذميواري آهي. عمارتن جي مضبوطي، تعمير جو معيار، هنگامي حالتن ۾ ٻاهر نڪرڻ جا رستا، باهه کان بچاءَ جا انتظام ۽ عمارتن جو باقاعده معائنو ڪا ڪاغذي ڪارروائي ناهي، پر انساني زندگين جي حفاظت جا لازمي تقاضا آهن.

حڪومت کي گهرجي ته هن واقعي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي، متاثر خاندانن جي ترت مدد ڪري، زخمي ٻارن جي علاج ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي ۽ سڄي صوبي جي تعليمي ادارن جي عمارتن جو حفاظتي معائنو ڪرائي. جن عمارتن ۾ ٻارن جي جانين کي خطرو هجي، اتي ضروري مرمت ۽ سڌارا مڪمل ٿيڻ تائين ٻارن کي ويهارڻ جي اجازت نه هئڻ گهرجي. خانگي هجي يا سرڪاري، ڪنهن به تعليمي اداري کي رڳو ان ڪري ڇوٽ نٿي ڏئي سگهجي ته ان وٽ عمارت موجود آهي يا اهو ٻارن کان فيس وصول ڪري ٿو.

اسڪول انتظاميا کي به سمجهڻو پوندو ته ٻارن جي جانين کان وڌيڪ ڪو به نفعو، ڪا به واڌ ۽ ڪا به اضافي منزل اهم ناهي. جيڪڏهن عمارت جا بنياد ڪمزور هجن ته ان تي وڌيڪ بار وجهڻ رڳو تعميراتي غلطي ناهي، پر اهڙو خطرو آهي، جنهن جي قيمت معصوم ٻارن کي پنهنجي جان ڏئي ادا ڪرڻي پئجي سگهي ٿي. تنهن هوندي به هن حادثي جا اصل سبب ۽ ذميواريءَ جو تعين جاچ کان پوءِ ئي ٿيڻ گهرجي.

اڄ انهن ٻارن جي والدين لاءِ هر اها شيءِ ياد بڻجي وئي هوندي، جيڪا ڪڏهن سندن خوشيءَ جو سبب هئي. گهر ۾ پيل اسڪولي ٿيلهو، ميز تي رکيل ڪتاب، پٽ تي ٽنگيل اسڪولي وردي، ڪاپيءَ تي لکيل نالو ۽ اهي ننڍڙا جوتا، جيڪي پائي ٻار هر صبح اسڪول ويندو هو. شايد ماءُ بار بار ٻار جي ڪمري ۾ وڃي، سندس ڪتابن کي هٿ لائي، سندس وهاڻي کي ڇاتيءَ سان لڳائي ۽ پاڻ کان پڇي ته منهنجو ٻار ڪيڏانهن هليو ويو؟ شايد پيءُ خاموش ويٺو هجي، ماڻهن سان اکيون ملائي نه سگهندو هجي، پنهنجا ڳوڙها لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي، پر اوچتو سندس نظر دروازي تي وڃي بيهندي هجي، ڄڻ سندس ٻار هاڻي ڊوڙندو اندر ايندو ۽ چوندو: "بابا! اڄ اسڪول ۾ هي ٿيو، اڄ استاد هي پڙهايو." پر دروازو نه کلي سگهندو، اها آواز ٻيهر نه ايندي ۽ گهر ۾ پکڙيل خاموشي پيءُ کي بار بار ياد ڏياريندي ته سندس ٻار هاڻي ڪڏهن به واپس نه ايندو. هن حادثي ۾ حياتيون وڃائيندڙ ٻار رڳو هڪ خبر جو حصو نه هئا. هر ٻار جي پنهنجي دنيا هئي. ڪنهن وڏي ٿي ڊاڪٽر بڻجڻو هو، ڪنهن استاد، ڪنهن انجنيئر، ڪنهن پنهنجي والدين کي غربت مان ڪڍڻ جو خواب ڏٺو هوندو، ۽ ڪنهن شايد اڃا اهو به نه سوچيو هوندو ته وڏو ٿي ڇا بڻجندو. ننڍپڻ جي خوبصورتي ئي اها آهي ته ان ۾ خوابن جي ڪا حد ناهي. پر انهن ٻارن جا خواب وقت کان اڳ ئي خاموش ٿي ويا. اسان کي خبر ناهي ته انهن مان ڪيترن ٻارن پنهنجي ٿيلهي ۾ ڪو اڌورو سبق ڇڏيو، ڪيترن جي ڪاپيءَ تي ڪو اڌورو جملو لکيل رهجي ويو، ۽ ڪيترن ٻارن واپسيءَ تي پنهنجي والدين کان ڪا ننڍڙي فرمائش ڪرڻ جو سوچيو هوندو. اسان کي رڳو ايترو معلوم آهي ته هو پنهنجي گهرن مان علم حاصل ڪرڻ لاءِ نڪتا هئا، پر انهن مان ڪيترائي جيئرا پنهنجي گهرن ڏانهن واپس نه موٽي سگهيا.

هي رڳو پشاور جو ڏک ناهي، پر سڄي پاڪستان جو ڏک آهي. انهن ٻارن جي مائرن جا ڳوڙها ڪنهن هڪ شهر تائين محدود ناهن. اڄ هر ماءُ پنهنجي ٻار کي اسڪول موڪلڻ وقت انهن خاندانن جي درد کي محسوس ڪري سگهي ٿي. هر پيءُ اهو سوچي سگهي ٿو ته جيڪڏهن سندس گهر تي اهڙي قيامت اچي پوي ها ته هو ڪيئن جيئرو رهي ها؟

اسان کي انهن خاندانن لاءِ دعا به ڪرڻ گهرجي ۽ سندن حق ۾ آواز به اٿارڻ گهرجي. دعا سندن دلين کي صبر ڏئي سگهي ٿي، پر اسان جي گڏيل ذميواري اها آهي ته ڪنهن ٻئي گهر ۾ اهڙي قيامت نه اچي. حادثي کان پوءِ افسوس ڪرڻ ضروري آهي، پر حادثي کان اڳ احتياط ڪرڻ ان کان به وڌيڪ ضروري آهي.

اي پشاور جا معصوم گلؤ! اوهان پنهنجي گهرن مان ڪتاب کڻي نڪتا هئا. اوهان جي والدين اوهان کي دعائن جي ڇانوَ ۾ موڪليو هو. ڪنهن اوهان جي پيشاني چمي هوندي، ڪنهن اوهان جا وار سنواريا هوندا، ڪنهن اوهان جي ٿيلهي جو بار درست ڪيو هوندو ۽ ڪنهن اوهان کي ويندي چيو هوندو ته پٽ، پنهنجو خيال رکجانءِ.

ڪاش! اها صبح ڪنهن ٻئي نموني طلوع ٿئي ها. ڪاش! اها ڇت نه ڪري ها. ڪاش! اهي سڀ ٻار پنهنجن گهرن ڏانهن واپس موٽي اچن ها. ڪاش! اڄ انهن جي والدين جي هٿن ۾ ٻارن جا لاش نه، پر اسڪول مان آندل ڪاپيون ۽ ٿيلها هجن ها. پر وقت واپس ناهي موٽندو ۽ وڇڙي ويل ٻار وري واپس ناهن ايندا. باقي رهجي ويندا آهن ته رڳو ڳوڙها، يادون، اڌورا خواب ۽ اهي سوال، جن جا جواب سالن تائين دلين کي بي چين رکندا آهن. پشاور جي انهن معصوم ٻارن جي وڇوڙي مان اسان کي اهو سبق سکڻ گهرجي ته ڪنهن به قوم جي ترقيءَ جو پهريون شرط ان جي ٻارن جي حفاظت آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارن کي محفوظ اسڪول، معياري تعليم ۽ زندگيءَ جو تحفظ نٿا ڏئي سگهون ته پوءِ اسان کي پنهنجن دعوائن تي ٻيهر سوچڻ گهرجي. اڄ انهن ٻارن لاءِ رڳو ڳوڙها وهائڻ ڪافي ناهن. انهن جي نالي تي اهڙو نظام ٺاهڻو پوندو، جتي ڪنهن ماءُ کي پنهنجي ٻار کي اسڪول موڪلڻ وقت خوف نه هجي، ڪنهن پيءُ کي اهو انديشو نه هجي ته سندس ٻار شام جو واپس ايندو به يا نه، ۽ ڪنهن معصوم کي علم حاصل ڪرڻ جي قيمت پنهنجي جان ڏئي ادا نه ڪرڻي پوي.

ڇو ته ٻار ڪنهن به قوم جو ايندڙ سڀاڻي هوندا آهن، ۽ جنهن قوم جا ٻار غيرمحفوظ ٿي وڃن، ان قوم جي مستقبل تي به سوال اڀرڻ لڳندا آهن. الله پاڪ پشاور جي انهن معصوم ٻارن جي مغفرت فرمائي، کين جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري، زخمي ٻارن کي صحتيابي ڏئي ۽ ڏکويل خاندانن کي هي ناقابل برداشت صدمو سهڻ جي همت عطا فرمائي. آمين.

اڄ جي ڳالهه حيدرآباد ڪانفرنس ڀٽو معيار؟

سراج ڪلهوڙو

سنڌ جي وحدت بچائڻ جي نالي تي ڪانفرنسون ڪوٺائڻ، سنڌ جي بقا ۽ سالميت جا نعرا هڻڻ ۽ سنڌ کي ٽوڙڻ جي سازشن خلاف ڳڻتيءَ جو اظهار ڪرڻ يقيناً سٺي ڳالهه آهي، پر سوال اهو آهي ته سنڌ جي وحدت جا اهي دعويدار پنهنجي عمل ۾ ڪيترا سچا ۽ پنهنجي موقف ۾ ڪيترا اصولي آهن؟

هڪ طرف اهي قوتون آهن، جيڪي سنڌ کي ورهائڻ جون نه رڳو ڳالهيون ڪن ٿيون، پر سنڌ جي وحدت کي ٽوڙڻ واري سياست لاءِ عملي طور به ميدان ۾ لٿل آهن. سنڌ جي وحدت خلاف اهڙن خطرناڪ خيالن ۽ مطالبن جي باوجود، جڏهن انهن کي پروٽوڪول ڏنو وڃي، عزت ۽ احترام سان ڪانفرنسن ۾ ويهاريو وڃي ۽ سنڌ جي سياسي مستقبل بابت فيصلا ڪندڙ ڌرين ۾ شامل ڪيو وڃي، ته پوءِ اهو سوال اٿڻ فطري آهي ته آخر سنڌ جي وحدت جي حفاظت جا اصول ڪنهن لاءِ آهن ۽ ڪنهن لاءِ انهن اصولن کان ڇوٽ ڏنل آهي؟

ٻئي طرف سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهه ڪندڙ ۽ سنڌ کي هڪ آزاد وطن طور ڏسڻ جي خواهش رکندڙ ڌرين لاءِ دروازا بند ڪيا وڃن ٿا. انهن سان ويهڻ، ڳالهائڻ ۽ سندن موقف ٻڌڻ به ڄڻ سياسي ڏوهه بڻايو وڃي ٿو. جيڪڏهن سنڌ جي وحدت جو سوال ايترو ئي اهم آهي، ته پوءِ سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙن کي ڪهڙي اصول تحت ڪانفرنسن کان ٻاهر رکيو وڃي ٿو؟ ڇا سنڌ سان محبت ۽ سنڌ جي مستقبل بابت سوچڻ جو حق صرف انهن قوتن کي حاصل آهي، جيڪي موجوده اقتداري ڍانچي اندر رهندي سنڌ جي وحدت جون ڳالهيون ڪن ٿيون؟

اصل سوال اهو ناهي ته ڪير ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو ۽ ڪير نه ٿيو، اصل سوال اهو آهي ته سياسي معيار ڪهڙا مقرر ڪيا ويا آهن. جيڪڏهن سنڌ کي ورهائڻ، سنڌ جا وسيلا ڦريندڙن سنڌ کي غلاميءَ بدحالي بدانتظاميءَ ڏانهن ڌڪيندڙن سنڌ جي سياسي سماجي معاشي معاشرتي حقن بشمول آزادي لاءِ آواز اٿاريندڙن کي روڊن رستن تي گهليندڙ ۽ هڪ احتجاج ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ٽيهه ٽيهه ڪوڙا ڪيس داخل ڪندڙن ۽ قومي ڪارڪنن کي ڪنيپ گم ڪري سندن چچريل لاش اڇليندڙن سان گڏ ويهڻ جائز آهي، ته پوءِ سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهه ڪندڙن سان سياسي گفتگو ڪرڻ ۾ ڪهڙي رنڊڪ آهي؟ جيڪڏهن سنڌ جي وحدت جي حفاظت لاءِ مختلف خيالن ۽ نظرين وارن ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ضروري آهي، ته پوءِ سنڌ جي قومي آزاديءَ جي نظرئي سان اختلاف کي دروازا بند ڪرڻ جو جواز ڇو بڻايو وڃي ٿو؟

سنڌ جي وحدت جو سوال رڳو انتظامي سرحدن جو سوال ناهي؛ اهو سنڌ جي تاريخ، قومي سڃاڻپ، وسيلن، سياسي اختيارن ۽ پنهنجي مستقبل بابت فيصلو ڪرڻ جي حق سان به لاڳاپيل آهي. ان ڪري سنڌ جي وحدت جي ڳالهه ڪندڙ هر ڌر کي پنهنجي موقف، پنهنجي اتحاد ۽ پنهنجي عملي ڪردار بابت واضح ۽ جوابده هجڻ گهرجي.

ڪانفرنسن جي اهميت تڏهن آهي، جڏهن اهي حقيقي سياسي مسئلن تي کليل بحث، اصولي موقف ۽ عملي جدوجهد جو رستو هموار ڪن. جيڪڏهن هڪ طرف سنڌ کي ٽوڙڻ جي حامين لاءِ عزت ۽ پروٽوڪول هجي ۽ ٻئي طرف سنڌ جي آزاديءَ جو نعرو هڻندڙن لاءِ اعلانيه دروازا بند هجن، ته پوءِ اهڙي سياست تي سوال ضرور اٿندا. رڳو وحدت جا نعرا هڻڻ سان سنڌ محفوظ نه ٿيندي؛ ان لاءِ سياسي اصولن ۾ يڪسانيت، سنڌ جي قومي مفادن سان سچائي ۽ هر ڌر سان هڪجهڙو معيار اختيار ڪرڻ ضروري آهي.

سنڌ جي وحدت بچائڻ جي دعويٰ ڪندڙن کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته اختلاف راءِ کي دٻائڻ سان نه قومي مسئلا حل ٿيندا آهن ۽ نه ئي سياسي اعتماد پيدا ٿيندو آهي. جيڪڏهن واقعي سنڌ جي بقا، وحدت ۽ مستقبل جي ڳڻتي آهي، ته پوءِ سڀني ڌرين سان اصولن جي بنياد تي ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي، پر سنڌ کي ورهائڻ جي عملي سياست کي محض پروٽوڪول ۽ سياسي مصلحتن جي آڙ ۾ جائز قرار نه ڏنو وڃي.

سنڌ جي وحدت جي ڪانفرنس ۾ اصل امتحان تقريرن جو نه، پر اصولن جو آهي. سنڌ کي ورهائڻ جي خواهش رکندڙن لاءِ آجيان ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي ڳالهه ڪندڙن لاءِ بند دروازا، اهو تضاد آخر ڪيترو وقت لڪائي سگهجي ٿو؟

سنڌ جي وحدت جو نعرو هڻڻ وارن کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته سندن سياست جو بنياد سنڌ جا قومي مفاد آهن يا اقتداري مصلحتون. ڇو ته سنڌ جي وحدت بابت سنجيدگيءَ جو ثبوت رڳو ڪانفرنسون ڪوٺائڻ نه، پر پنهنجي سياسي روين ۽ اتحادين جي چونڊ ۾ به اصولي سچائي ڏيکارڻ آهي.

بقايا * 01**

نئين ذميواري سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ سندس سفارتي ذميوارين ۾ ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم چيو ته تازن سالن ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي لاڳاپن ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي. هن مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ گهرو ۽ وسيع ڪرڻ جي لاءِ موجوده ادارجاتي مڪينزم کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. وزيراعظم سعودي عرب جي خلاف حوثي حملن ۾ تازي اضافي جي شديد مذمت ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ قيمتي جانيون ضايع ٿيون ۽ پاڪستاني شهرين سميت ڪيترائي بيگناهه ماڻهو زخمي ٿيا آهن. هن چيو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب سدائين هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل رهيا آهن اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدو ۽ مڪمل گڏيل دفاعي اتحاد ٻنهي ملڪن جي پراڻي پائيدار لاڳاپن ۾ تاريخي سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا ۽ اهي علائقائي امن ۽ سلامتي جي لاءِ انهن جي گڏيل عزم جي عڪاسي ڪن ٿا. وزيراعظم ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان سعودي عرب جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي لاءِ ان سان گڏ بيٺل آهي. وزيراعظم پاڪستان کي فراهم ڪئي ويندڙ ڏکهي مدي واري اقتصادي ۽ مالي مدد تي سعودي قيادت جا ٿورا ادا ڪيا. هن سعودي سفير کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پراڻي پائيدار لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان پاران مڪمل حمايت ۽ تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا * 02**

جي تحريڪ منظور ڪئي وئي قومي اسيمبليءَ جو اجلاس ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه جي صدارت هيٺ ٿيو. جنهن ۾ چونڊ سڌارن بابت پارلياماني ڪميٽي قائم ڪرڻ جي تحريڪ پيش ڪئي وئي قومي اسيمبليءَ اها تحريڪ اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتي. اها تحريڪ وفاقي وزير پارلياماني معاملن ڊاڪٽر طارق فضل چودري پيش ڪئي پارلياماني ڪميٽي چونڊ سڌارن لاءِ ٻنهي ايوانن جي ميمبرن تي مشتمل هوندي. ڪميٽيءَ ۾ سمورين سياسي پارٽين کي سندن تناسب موجب نمائندگي ڏني ويندي. ڪميٽي چونڊ سڌارن بابت پنهنجون تجويزون ۽ سفارشون تيار ڪندي سوالن جي وقفي دوران منشيات جي غيرقانوني اسمگلنگ بابت انگ اکر به قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيا ويا. ٻڌايو ويو ته گذريل ٽن سالن دوران اسلام آباد پوليس 4,277 جوابدارن کي گرفتار ڪيو منشيات بابت 4 هزار ڪيس داخل ڪيا ويا. اسلام آباد پوليس گذريل ٽن سالن دوران 19 من چرس، 25 من هيروئن ۽ 7 ڪلو آفيم پنهنجي قبضي ۾ ورتي گذريل ٽن سالن دوران شراب جون 34 هزار بوتلون پڻ ضبط ڪيون ويون. جڏهن ته اسلام آباد پوليس 9 من آئس (ڪرسٽل ميٿ) به هٿ ڪئي بعد ۾ قومي اسيمبليءَ جو اجلاس سومر جي شام 5 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو.

بقايا * 03**

ٽونخوا ۾ دهشتگرديءَ جا لڳاتار واقعا ڳڻتيءَ جوڳا آهن. جتي هٿين خالي ۽ معصوم شهرين کي نشانو بڻايو پيو وڃي، صوبي ۾ ڪنهن جي به جان محفوظ ناهي ۽ ڪنهن به وقت ڪجهه به ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته پشاور شهر به هاڻي غير محفوظ بڻجي ويو آهي. پريس ڪانفرنس ڪندي شازيه مري چيو ته قبائلي علائقن ڪانپوءِ دهشتگرديءَ جا اثر شهري علائقن تائين پهچي چڪا آهن. قبائلي علائقن ۾ حالتون خراب ٿيڻ وقت ئي ضروري قدم کڻڻ گهرجن ها. هن چيو ته قبائلي علائقن ۾ ٻار، عورتون ۽ خاندان دهشتگرديءَ کان متاثر ٿيا، ماڻهن جا گهر اجڙي ويا ۽ هاڻي دهشتگرديءَ جي باهه شهرن تائين پهچي چڪي آهي. پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ پاڪستان جي ٻين علائقن تائين دهشتگرديءَ جا اثر پکڙجڻ جو خدشو ظاهر ڪندي چيو ته دهشتگرديءَ کي بهانو قرار ڏيڻ درست ناهي، ڇاڪاڻ ته اها پاڪستان جو هڪ حقيقي مسئلو آهي. پاڪستان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان دهشتگرديءَ خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي. شازيه مري الزام هنيو ته گذريل 13 سالن دوران خيبرپختونخوا ۾ دهشتگرديءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتا قدم نه کنيا ويا.

بقايا * 04**

ي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته هن پاڪستان جي پهرين وزيراعظم جي حيثيت سان ملڪ جي تعمير، ترقي ۽ استحڪام ۾ واڪاڻ جوڳو ڪردار ادا ڪيو شهيد ملت لياقت علي خان جي شهادت واري ڏهاڙي جي موقعي تي جاري ڪيل پيغام ۾ هن چيو ته شهيد لياقت علي خان قائداعظم محمد علي جناح جو بااعتماد ساٿي هو هن قائداعظم محمد علي جناح سان گڏ پاڪستان جي قيام جي جدوجهد ۾ نه وسارڻ جهڙو ڪردار ادا ڪيو شهيد ملت لياقت علي خان جون قومي خدمتون پاڪستان جي تاريخ جون روشن باب آهن. سردار اياز صادق ڏٺي ڏر شهيد ملت لياقت علي خان جي درجن جي بلندي لاءِ پڻ دعا ڪئي.

بقايا * 05**

چوڌري چيو ته وزيراعظم مخالف ڌر کي ڳالهين جي دعوت ڏني آهي، وزيراعظم پاڻ مخالف ڌر اڳواڻ کي چيو ته اچو ته ويهي ڳالهيون ڪريون. هن چيو ته بامقصد ڳالهين لاءِ حڪومت جا دروازا کليل آهن. مخالف ڌر سنجيده ۽ بامقصد ڳالهه ٻولهه ڪرڻ چاهي ٿي ته ان کي پليٽ فارم ڪيو ويندو، وفاقي وزير چيو ته خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ لاءِ آئيني گهرجون پوريون ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته صوبي ۾ هاڻي ٽيون مرحلو شروع ٿي ويو آهي، جنهن لاءِ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي هئي. هن چيو ته خيبرپختونخوا مان دهشتگرديءَ جو مڪمل خاتمو ۽ مستقل امن قائم ڪرڻ حڪومت جو مقصد آهي. دهشتگرديءَ کان متاثر 12 ضلعن کي دهشتگردن کان مڪمل طور پاڪ ڪيو ويندو دهشتگرديءَ تي ضابطو اچڻ ڪانپوءِ صوبي جو انتظامي نظام صوبائي حڪومت حوالي ڪيو ويندو طارق فضل چودري موجب، صوبي جي عوام جون محروميون ختم ڪرڻ ۽ ترقياتي ڪم ڪرائڻ لاءِ روڊ ميپ تيار آهي. خيبرپختونخوا جو گورنر صوبائي حڪومت جي اختيارن جو مڪمل ڪنٽرول سنڀالي چڪو

آهي، جڏهن ته صوبي ۾ ڪنهن به قسم جي سياسي مداخلت نظر نه ايندي. هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت جي پهرين ترجيح دهشتگرديءَ جو خاتمو، امن جو قيام ۽ ترقي آهي. خيبرپختونخوا ۾ اهڙا علائقا موجود آهن. جتي دهشتگردن جون محفوظ پناهگاهون قائم آهن.

بقايا * 06**

ران وارثن کي روڪ رقم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. نئين اسڪيم تحت شهيد ڪانسٽيبلن، هيڊ ڪانسٽيبلن، اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرن (اي ايس آءِ)، سب انسپيڪٽرن (ايس آءِ) ۽ انسپيڪٽرن جي وارثن کي معاوضي طور هڪ ڪروڙ 10 لک رپين بدران هڪ ڪروڙ 70 لک رپيا ڏنا ويندا. شهيد ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ڊي ايس پي) ۽ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (اي ايس پي) جي وارثن لاءِ معاوضو هڪ ڪروڙ 60 لک رپين مان وڌائي اڍائي ڪروڙ رپيا ڪيو ويو آهي. شهيد سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ايس پي)، سينيئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ايس ايس پي)، اسسٽنٽ انسپيڪٽر جنرل (اي آءِ جي) ۽ گريڊ 18 ۽ 19 جي ٻين سمورن آفيسرن جي وارثن کي اڳ ۾ 2 ڪروڙ 10 لک رپيا معاوضو ملندو هو، پر نئين اسڪيم تحت کين 3 ڪروڙ رپيا ڏنا ويندا. ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل (ڊي آءِ جي)، انسپيڪٽر جنرل آف پوليس (آءِ جي پي) ۽ گريڊ 20 جي آفيسرن جي شهيد ٿيڻ جي صورت ۾ سندن وارثن لاءِ معاوضو 2 ڪروڙ 10 لک رپين مان وڌائي 3 ڪروڙ 50 لک رپيا ڪيو ويو آهي. زخمي پوليس اهلڪارن جي معاوضي بابت ڳالهائيندي گورنر ڪندي چيو ته ان واڌ اڳ ئي ٿيڻ گهرجي ها، پر اڳين نه ٿي سگهيو. هن چيو ته ان کي پورو ڪرڻ لاءِ حڪومت فرضن جي ادائيگي دوران سخت زخمي ٿيندڙ يا مستقل طور معذور بڻجندڙ اهلڪارن جي معاوضي ۾ وڏي واڌ ڪئي آهي.

بقايا * 07**

ريب کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته جيڪي چوندا هئا ته هنن عوام کي شعور ڏنو، تن عوام جون زندگيون تباهه ڪري ڇڏيون، پي ٽي آءِ جي حڪومت ڪنهن ختم نه ڪئي، پر هنن پاڻ پنهنجي حڪومت ختم ڪئي. هن چيو ته اهو پهريون لانگ مارچ هو جيڪو پنهنجي ئي حڪومت ختم ٿيڻ تي پڄائيءَ تي پهتو ڇا ڪڏهن اڳين ڏٺو آهي ته هڪ صوبو ٻئي صوبي يا وفاق تي حملو ڪري؟ سندس چوڻ هو ته اهو پهريون لانگ مارچ هو جنهن پنهنجي ئي حڪومت کي ختم ڪري ڇڏيو هاڻي خيبرپختونخوا جي ماڻهن کي خبر پوندي ته ترقي ڇا کي چئبو آهي. مريم نواز چيو ته هوءَ عوام جي خدمت جو جذبو کڻي گهران نڪتي آهي، جڏهن ته نواز شريف ملڪ ۾ موٽر ويز جو ڄار وڇايو آهي. سندس چوڻ هو ته ڪراچيءَ مان ڪجهه آفيسر تازو پنجاب آيا، جن چيو ته صوبي جي سمورن ڪاتن ۾ عوام تي ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن چيو ٻين صوبن مان ايندڙ ماڻهو پنجاب جي ساراهه ڪن ٿا. پنجاب جي وزيراعليٰ چيو ته صوبي ۾ 3 هزار اليڪٽرڪ بسون هلايون وينديون ۽ انهن جو ڀاڙو اچ به 20 رپيا آهي. هن ٻڌايو ته صوبي جي سمورن تعلقن ۾ اليڪٽرڪ بسون هلائڻ جو منصوبو آهي. مريم نواز موجب، پنجاب ۾ شايد ئي ڪو اهڙو منصوبو هجي، جنهن ۾ نوجوانن کي شامل نه ڪيو ويو هجي. شاگردن کي ڏنيون ويندڙ اسڪوٽيون 3 هزار رپيا ماهوار قسط تي فراهم ڪيون پيون وڃن، جيئن ڪنهن تي مالي بار نه پوي. مريم نواز چيو ته پنجاب ۾ مصنوعي ذهانت جون ليبارٽريون قائم ٿي رهيون آهن ۽ صوبي کي اي آءِ جي دور ۾ داخل ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته سندس دعويٰ موجب خيبرپختونخوا اڃا پٿر جي دور ۾ آهي. هن چيو ته جڏهن هوءَ وزيراعليٰ بڻي ته ڪيس خبر پئي ته 80 سيڪڙو يونيورسٽين ۾ وائيس چانسلر مقرر ٿيل ئي نه هئا، پر هاڻي هر يونيورسٽيءَ ۾ ميرٽ جي بنياد تي وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو آهي. سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن سندس پنهنجي گهر مان به ڪنهن جي سفارش اچي ته هوءَ قبول نه ڪندي. پنجاب ۾ حڪومت پاڻ عوام وٽ وڃي ٿي ۽ سندس مشن آهي ته صوبي جي هر شهريءَ کي سهولتون سندس دروازي تي فراهم ٿين. هن وڌيڪ چيو ته پنجاب ۾ دوائون به ماڻهن جي گهرن جي دروازن تي پهچايون وڃن ٿيون.

بقايا * 08**

ايجنڊا جاري ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف پاڪستان تحريڪ انصاف جي گرفتار ٿيل قومي اسيمبلي ميمبرن ثناءَ الله مستي خيل ۽ داور ڪنڊي جي پارليامينٽ لاجز منتقل ڪيو ويو آهي. اسپيڪر اياز صادق ٻنهي اسيمبلي ميمبرن جا پروڊڪشن آرڊر جاري ڪيا هئا، جنهن ڪانپوءِ کين پارليامينٽ لاجز منتقل ڪيو ويو جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ٻنهي ميمبرن کي ايندڙ قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت جي اجازت هوندي.

بقايا * 09**

جو افغانستان ڪانپوءِ ٻيو بدترين ملڪ قرار ڏنو ويو آهي. جنهن مان ملڪ ۾ خوراڪ جي کوٽ ۽ غذائي کوٽ سبب پيدا ٿيندڙ صحت جي مسئلن جي سنگين صورتحال ظاهر ٿئي ٿي. عالمي بک انڊيڪس جي ويب سائيٽ تي جاري ڪيل رپورٽ موجب، پاڪستان 2026ع ۾ 25.5 اسڪور حاصل ڪيو آهي، جيڪو بک جي سنگين سطح کي ظاهر ڪري ٿو. ڏکڻ ايشيا ۾ افغانستان 28.6 اسڪور سان پاڪستان کان مٿي آهي، جڏهن ته خطي جو مجموعي اسڪور 23.5 ۽ عالمي اسڪور 18.1 آهي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پاڪستان جي صورتحال ۾ ڊگهي مدي دوران بهتري آئي آهي، ڇو ته سال 2000ع ۾ ملڪ جو بک انڊيڪس اسڪور 36.2 هو. جيڪو گهٽجي 2026ع ۾ 25.5 تي ويو آهي. عالمي سطح تي پاڪستان 122 ملڪن مان 106هين نمبر تي آهي، جن بابت انڊيڪس 2026ع جو اسڪور تيار ڪرڻ لاءِ گهربل انگ اکر موجود هئا. پاڪستان ۾ غذائي کوٽ جي صورتحال رپورٽ موجب، پاڪستان جو بک انڊيڪس چئن بنيادي اشارن تي ٻڌل آهي، جن ۾ خوراڪ جي کوٽ، پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن جي واڌ ويجهه ۾ رڪاوٽ، ٻارن جو عمر جي پيٽ ۾ گهٽ وزن ۽ ٻارن جي موت جي شرح شامل آهن. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پاڪستان جي 16.1 سيڪڙو آبادي غذائي کوٽ جو شڪار آهي، جڏهن ته پنجن سالن کان گهٽ عمر جا 33.6 سيڪڙو ٻار پنهنجي عمر جي لحاظ کان گهربل قد حاصل نه ڪري سگهيا آهن. اهڙيءَ طرح 9.8 سيڪڙو ٻار پنهنجي قد جي پيٽ ۾ گهٽ وزن رکن ٿا، جڏهن ته ملڪ ۾ پنجن سالن جي عمر تائين پهچڻ کان اڳ فوت ٿيندڙ ٻارن جي شرح 5.6 سيڪڙو آهي. رپورٽ موجب، ٻارن جي قد ۾ واڌ نه ٿيڻ ڊگهي عرصي تائين غذائي کوٽ جي نشاني آهي، جڏهن ته قد جي پيٽ ۾ گهٽ وزن هجڻ خوراڪ جي تازي يا شديد کوٽ کي ظاهر ڪري ٿو.

بقايا * 10**

نفيسه اختر کي مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو، جڏهن ته مقتولن جا ٻار ڪئناڊا مان پاڪستان پهچي ويا آهن. پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ شروعاتي طور ملڪيت جي تڪرار يا ذاتي دشمنيءَ کي قتل جو ممڪن سبب قرار ڏنو آهيايڌهي اختيارين موجب، مقتولن جا مڙهه سهراب ڳوٺ ۾ قائم ايڌهي سرد خاني مان وارثن حوالي ڪيا ويا، جنهن ڪانپوءِ کين رهائشگاهه منتقل ڪيو ويو نماز جنازه ادا ڪرڻ ڪانپوءِ ٻنهي کي مقامي قبرستان ۾ دفنايو ويو سيد تائون جي ايس آءِ او خوش نواز پتافي موجب، مقتولن جا ٻار ڪئناڊا مان پاڪستان پهچي ويا آهن. والدين جي تدفين ڪانپوءِ سندن بيان رڪارڊ ڪيا ويندا، جن جي روشنيءَ ۾ جاچ کي اڳتي وڌايو ويندو پوليس آفيسر ٻڌايو ته شروعاتي جاچ مان اهو واقعو ڦر دوران مزاحمت جو نتيجو نظر نٿو اچي، ڇاڪاڻ ته گهر مان ڦرمار جا ڪي به ثبوت نه مليا آهن. مقتولن پنهنجو گهر ۽ دڪان ڪرائي تي ڏئي ڇڏيا هئا، جن کي خالي ڪرايو ويو هو مقتول ياسين خان جو هڪ موبائل فون پڻ گم آهيپوليس موجب، واقعي جي وڌيڪ جاچ لاءِ پاڙيسرين، گهر ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ۽ ٻين ماڻهن جا بيان رڪارڊ ڪيا ويندا، جڏهن ته ڀرپاسي ۾ لڳل سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي رڪارڊنگ پڻ حاصل ڪئي ويندي.

بقايا * 11**

علاج دوران فوت ٿي ويو، جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب جوابدار شاهه لطيف ٽائون ۾ ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي هڪ شهريءَ کي قتل ڪيو هو. واقعي ڪانپوءِ پوليس سي سي ٽي وي فوٽيجز جي مدد سان جوابدار کي سڃاڻي گرفتار ڪيو. پوليس جو چوڻ آهي ته مارجي ويل جوابدار وٽان غيرقانوني هٿيار، روڪ رقم، موبائل فون ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته فرار ٿيل سندس ساٿيءَ جي ڳولا جاري آهي.

بقايا * 12**

ردن حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ پوليس ڪانسٽيبل شهيد ٿي ويو هن ٻڌايو ته پوليس اهلڪارن جي جوابي فائرنگ بعد حملو ڪندڙ فرار ٿي ويا، جڏهن ته جوابي ڪارروائي ۾ ڪيترن ئي دهشتگردن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن. سي سي پي او پشاور موجب، فرار ٿيل دهشتگردن جي ڳولا جاري آهي.

بقايا * 13**

ڪيس جو فيصلو ڇوٿون ڀيرو ملتوي ڪري ڇڏيو آهي. ڪيس جي ٻڌڻيءَ دوران عدالت محفوظ ڪيل فيصلو بغير ڪنهن ڪارروائيءَ جي 26 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو ٻڌڻيءَ جي موقعي تي عليمه خان جو وڪيل فيصل ملڪ عدالت ۾ پيش ٿيو ياد رهي ته عدالت ان کان اڳ 22 سيپٽمبر تي ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪيو هو. اهو فيصلو دهشتگردي توڙ عدالت جي جج امجد علي شاهه محفوظ ڪيو هو. عدالت اڄ چوٿون ڀيرو فيصلي جو اعلان ملتوي ڪيو آهي، جنهن سبب ڪيس جي حتمي فيصلي لاءِ وڌيڪ انتظار ڪرڻو پوندو.

بقايا * 14**

آيو آهي، جڏهن ته پوليس ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي حراست ۾ وٺڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس اختيارين موجب، زين العابدين 14 آڪٽوبر تي موٽرسائيڪل تي گهران نڪتو هو جنهن ڪانپوءِ واپس نه موٽيو نوجوان جي اغوا جو ڪيس اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو. پوليس موجب، مغوي جي استعمال هيٺ سم مان سندس وارثن کي فون ڪال ڪئي وئي هئي، جڏهن ته اغوا ڪندڙن وارثن کي ڊيجارڻ لاءِ نوجوان جو ڪٽيل هٿ پڻ موڪليو هو. هٿ جا نمونا ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ موڪليا پيا وڃن. پوليس جو چوڻ آهي ته حراست ۾ ورتل ٻنهي جوابدارن جاچ دوران نوجوان کي قتل ڪرڻ جو اعتراف ڪيو آهي. حراست ۾ ورتل جوابدارن مان هڪ مقتول جو ويجهو مائٽ آهي.

بقايا * 15**

26ع دوران اغوا، قتل، جنسي زيادتي، ڦر ۽ گاڏيون چوري ٿيڻ جي ڪيسن جا تفصيل فراهم ڪيا ويالڪٽ ۾ ڏنل جواب موجب، اسلام آباد ۾ هلندڙ سال اغوا جا 491 ڪيس داخل ٿيا، جن ۾ نامزد 438 جوابدارن مان 106 کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته 327 جوابدار مفرور آهنگهرو وزارت موجب، جنسي زيادتي جا 177 ڪيس داخل ٿيا، جن ۾ نامزد 254 جوابدارن مان 168 کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته 89 جوابدار مفرور آهنلڪت واري جواب ۾ ٻڌايو ويو ته اسلام آباد ۾ هلندڙ سال ڦر جا 723 ڪيس داخل ٿيا، جن ۾ نامزد 1,652 جوابدارن مان 510 کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته 1,143 جوابدار مفرور آهنگهرو وزارت موجب، گاڏيون چوري ٿيڻ جا 70 ڪيس داخل ٿيا، جن ۾ نامزد 92 جوابدارن مان 39 کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته 52 جوابدار مفرور آهنلڪت ۾ ڏنل جواب موجب، اسلام آباد ۾ هلندڙ سال قتل جا 74 ڪيس داخل ٿيا، جن ۾ نامزد 192 جوابدارن مان 112 کي گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته 80 جوابدار مفرور آهن.

بقايا * 16**

يات جي دستاويزن موجب، ڪراچيءَ ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت ۾ 140 رپيا واڌ ٿيڻ ڪانپوءِ اها 3,540 رپين تائين پهچي وئي آهي. فيصل آباد ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت 800 رپيا وڌي 3,000 رپيا تي وئي آهي، جڏهن ته خضدار ۾ 400 رپيا واڌ ڪانپوءِ قيمت 3,400 رپيا تي وئي آهي لاڙڪاڻو ۾ 20ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت 300 رپيا وڌي 3,200 رپيا، جڏهن ته حيدرآباد ۾ 280 رپيا واڌ سان 3,480 رپيا تي وئي آهيڪوئيٽا ۾ 20 ڪلواٽي جي ٿيلهي جي قيمت 190 رپيا وڌڻ ڪانپوءِ 3,220 رپيا تي وئي آهي، جڏهن ته سکر ۾ 140 رپيا واڌ سان قيمت 3,200 رپين تائين پهچي وئي آهيسرگوڌا ۾ 20 ڪلواٽي جي ٿيلهي جي قيمت 2,933 رپيا آهي، جڏهن ته ملتان ۾ 66 رپيا واڌ ڪانپوءِ اها 2,933 رپيا تي وئي آهي. بهاولپور ۾ 40 رپيا واڌ ڪانپوءِ 20 ڪلواٽي جي ٿيلهي جي قيمت 3,000 رپيا تي وئي آهيپشاور ۾ 20 ڪلواٽي جي ٿيلهي جي قيمت 3,300 رپيا آهي، جڏهن ته بنون ۾ اها 3,200 رپين ۾ ملي رهي آهي، اسلام آباد ۾ 20 ڪلو اٽي جو ٿيلهو

بقايا عوامي سوچ 01

بڪ هڙتال ڪئي وئي. بڪ هڙتال ۾ پ ٽ الف، تعلقي شاهبندر جي صدر اياز آخوند، جنرل سيڪريٽري غلام رسول اوٺو، قاسم ڪانت فيض محمد جلباڻي آدم خان ۽ ٻيا استاد شامل هئا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن ٻانهن تي ڪاربون پٽيون ٻڌي هٿن ۾ بينر کڻي ڪلسٽر پاليسي جي خاتمي ۽ پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ سخت نعريبازي ڪئي. استادن مطالبو ڪيو ته ڪلسٽر پاليسي ختم ڪري استادن لاءِ سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي، پينشن رولز کي مستقل بنيادن تي ختم ڪيو وڃي. ايس ڊي او ايجوڪيشن تعلقي شاهبندر استادن کي جوش پياري بڪ هڙتال ختم ڪرائي.

بقايا عوامي سوچ 02

موٽرسائيڪل هٿ، هڪ جوابدار گرفتار ميرپورخاص: ڊي ايس پي سٽي نعيم احمد چاچڙ ۽ ٽائون ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر غازي خان راڄڙ جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي چوري جي ڪيس ۾ گهربل جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدار شاهزيب ولد اڪبر خان پٺاڻ، رهواسي يوسف خان زئي پٺاڻ، اورنگ آباد ميرپورخاص، جي قبضي مان ڪيس نمبر 139/2026، قلم 457، 380 ۽ 34 پي پي سي تحت چوري ٿيل بيٽري هٿ ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 03

ڪيري تي حراسان ڪرڻ، بداخلاقي ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ جا الزام، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو. بلڙي شاهه ڪريم: ڪرباڙي موري جي اسڪول جي پرائمري استاد عامر مگسي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو آهي ته پوليس اهلڪار خدا ڏنو ڪيري جا ٻار اسڪول اچن ٿا، پر ب فارم نه هجڻ سبب سندن داخلا جو معاملو حل نه ٿي سگهيو آهي. استاد عامر مگسي موجب، بار بار چوڻ باوجود پوليس اهلڪار خدا ڏنو ڪيري پنهنجي ٻارن جا ب فارم جمع نه ڪرايا، پر ڪيس ٻارن جي داخلا ڪرڻ لاءِ زور پري رهيو آهي. هن چيو ته مون پوليس اهلڪار کي بار بار سمجهايو آهي ته سنڌ حڪومت جي پاليسين موجب ٻارن جي داخلا لاءِ ب فارم لازمي قرار ڏنل آهن، پر ان باوجود پوليس اهلڪار مبينا طور ڪيس موت مار ڌمڪيون ڏيڻ سان گڏوگڏ سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. استاد عامر مگسي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، پوليس اهلڪار خلاف شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ ڪيس تحفظ فراهم ڪري انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 04

۾ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن صحت جي سهولتن، جاري منصوبن ۽ درپيش مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد چيو ته صحت جون بنيادي سهولتون هر شهري جو بنيادي حق آهن ۽ سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن، جن جو مثال ماضي ۾ نٿو ملي. هن چيو ته عوام کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي پنهنجون ذميواريون بهتر نموني ادا ڪرڻ گهرجن ڊپٽي ڪمشنر موبائل هيلٿ گاڏين ۾ موجود خراب ايڪسري مشينن جو سخت نوٽيس وٺندي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهي مشينون هڪ هفتي اندر مڪمل طور تي درست ڪري فعال بڻايون وڃن، جيئن مريضن کي پنهنجي علائقي ۾ ئي ضروري تشخيصي سهولتون ميسر ٿي سگهن هن پي پي ايڇ آءِ جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو پي پي ايڇ آءِ جي نگراني هيٺ هلندڙ رورل هيلٿ سينٽرن ۽ بيسڪ هيلٿ يونٽن جو جلد اوچتو دورو ڪري صحت جي سهولتن، عملي جي حاضري ۽ مريضن کي فراهم ٿيندڙ خدمتن جو جائزو وٺن، جڏهن ته صحت جي سهولتن ۾ بهتري لاءِ گهربل قدم پڻ کنيا وڃن ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف کي اسپتالن ۾ ايندڙ مريضن سان خوش اخلاقي، همدردي ۽ احترام سان پيش اچڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته بيماريءَ سبب پريشان حال مريضن کي طبي علاج سان گڏ حوصلي ۽ آٿت جي به ضرورت هوندي آهي. هن واضح ڪيو ته مريضن سان بهتر رويو اختيار ڪرڻ صحت جي خدمتن جو اهم حصو آهي هن انڊس اسپتال جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته انتهائي ضروري ۽ مجبوريءَ واري صورتحال کان سواءِ مريضن کي ٻين شهرن ڏانهن ريفر ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته غريب ۽ مسڪين ماڻهن لاءِ ٻين شهرن ۾ وڃي علاج ڪرائڻ ڏکيو هوندو آهي. هن زور ڀريو ته مريضن کي ممڪن حد تائين مقامي سطح تي بهتر علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد لاڳاپيل عملدارن کي ممتا پروگرام تحت رجسٽريشن جو عمل تيز ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي، جيئن ڳورهاري عورتن کي پروگرام تحت بهتر صحت جون سهولتون فراهم ڪري سگهجن اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر وسيم عباس خواجه، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ بدين اي طاهر لاشاري، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ بدين بي رضيه اڃڻ، ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر ممتا پروگرام سيده رضوانه حنين شاهه، انچارج ايمبوليئنس 1122 ڪاشف زئنور، ڊاڪٽر حرمت ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 05

ڪٽر منيت ڪمار جي اڳواڻي ۾ سوشل ڪوآپريشن انيشيئيٽو جي سهڪار سان ڳوٺاڻين عورتن لاءِ هڪ آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو. سيشن جو مقصد ڳوٺاڻين عورتن جي پنهنجي خاندانن ۽ برادرين جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ۽ خدمتن کي مڃتا ڏيڻ سان گڏ کين قانوني حقن، تحفظ ۽ موجود سهولتن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ هو. ان موقعي تي عورتن جي ترقي واري ڪاتي ٿرپارڪر جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر منيت ڪمار ڳالهائيندي چيو ته ٻهراڙيءَ جون عورتون ملڪ جي زرعي معيشت، سماجي ترقي ۽ گهريلو نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن، تنهن ڪري عورتن کي تعليم، صحت، روزگار ۽ بنيادي سهولتن تائين رسائي فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن حقن جو تحفظ ۽ کين معاشي طور بااختيار بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن وڌيڪ چيو ته ٻهراڙيءَ جون عورتون زراعت، مال پالڻ، گهرن جي سارسنڀال ۽ ٻين معاشي سرگرمين ۾ محنت ۽ ذميواريءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون، پر ان جي باوجود کين ڪيترن ئي سماجي ۽ معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو ته عورتن کي برابريءَ جا موقعا فراهم ڪرڻ، سندن صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ ۽ فني تربيت ذريعي روزگار جا وسيلا پيدا ڪرڻ لاءِ سرڪاري ادارن، سماجي تنظيمن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. هن ٻهراڙي جي عورتن کي چيو هو پنهنجي صحت تي پڻ ڌيان ڏين وقت سر ڊاڪٽرن کان پنهنجو معائنو ۽ صحت سان لاڳاپيل ٽيسٽون پڻ ڪيرائيندا رهن ته جيئن سندن صحت بهتر رهي ان موقعي تي ٻين پڻ خطاب ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 06

جي مبينا لتاڙ ۽ ناانصافي جون شڪايتون سامهون آيون آهن. متاثر اميدوار جو چوڻ آهي ته ڪيس 60 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ٿيون، ان باوجود ڪيس ميرٽ ۾ نظرانداز ڪيو ويو جڏهن ته مبينا طور 40 مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن جا آرڊر جاري ڪيا ويا آهن. اميدوار الزام هنيو آهي ته ضلعي پاپوليشن آفيسر طرفان ڀرتين جي عمل ۾ مبينا طور پئسن جي عيوض گهٽ مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن کي نوازيو ويو آهي. متاثر اميدوار اعليٰ اختيارين، سنڌ حڪومت، لاڳاپيل کاتي جي سيڪريٽري ۽ اينٽي ڪرپشن اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو شفاف ۽ غيرجانبدارانه نوٽيس وٺي، ڀرتين جي ميرٽ لسٽ، مارڪن ۽ جاري ڪيل آرڊرن جي جاچ ڪرائي وڃي، جيئن حقدار اميدوارن سان انصاف ٿي سگهي. اميدوار مطالبو ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڀرتين ۾ ڪا بي ضابطگي ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري ميرٽ جي بنياد تي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 07

ٿي ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن رجب علي ميمڻ ارسلان علي عالماڻي شوڪت علي عالماڻي سلمان عالماڻي ۽ ٻين آفيسرن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته عملي پاران سمورن ڪانٽن جي چڪاس ڪئي آهي ڪجهه ڪانٽن کي درست ڪرڻ لاءِ مل مالڪن کي ڪانٽا درست ڪرڻ لاءِ ليٽر ڏنو ويو آهي جڏهن ته درست ڪانٽن جي مالڪن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا آهن لاڳاپيل آفيسرن چيو ته هن وقت سارين جي سيزن هلي رهي آهي اگر ڪنهن به زميندار يا واپاري کي ڪنهن به مل ڪانٽي مان ڪا به شڪايت هجي ته اسان سان رابطو ڪن ته جيئن ڪانٽن ۾ هير ڦير ڪندڙن خلاف ڪارروائي ٿئي ملز مالڪن مُکي پيرو مل، راجا ممتاز خواجه ، ٽيڪچند ڏناڻي ۽ ٻين جو موقف آهي ته ڪانٽن جي چڪاس جو عمل بهتر آهي جنهن کي ساراهيون ٿا هنن چيو ته ڪجهه ڪانٽن ۾ پنج ڪلو تائين جو فرق اچڻ هوا جو سبب آهي ڪانٽا کلي ميدان تي نهيل آهن جنهن سبب هوا لڳڻ سبب اهڙو فرق اچي ٿو

بقايا عوامي سوچ 08

ي ۾ آل ايمپلائيز ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي اڳواڻ سيد عنايت حسين شاهه، رياض لطيف عباسي، محراب برفت، مهندو پالاري، صديق مسيح، نظير مسيح، پروين ولايت، صغريٰ غفور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي ملازمن کي رٽائرڊ ٿيندي وڏو عرصو گذرڻ باوجود ڪين اڃان تائين گريجوئٽي سميت ڪا به ادائگي ٿي ناهي سگهي، جنهن ڪري رٽائرڊ ٿيل سمورا ملازم هن مهنگائي واري دور ۾ سخت پريشان آهن، هنن انڪشاف ڪندي چيو ته 88 رٽائرڊ ٿيل ملازمن مان 15 کان 20 ملازم فوت ٿي چڪا آهن جن جا خاندان سخت پريشان آهن. سيد عنايت حسين شاهه، رياض لطيف عباسي، محراب برفت ۽ ٻين وڌيڪ چيو ته اسان پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪرڻ تي ساڻن شامل ٿيل حاضر سروس ملازمن جون 15 کان 20 هزار روپيه پگهارن مان ڪٽوتي ڪري کين احتجاج ۾ شامل ٿيڻ جي سزا ڏني پئي وڃي، هنن چيو ته ميونسپل ڪميٽي جي ملازمن کي نه پروموشن ٿو ملي ۽ نئي ڊفرنس، پگهارن ۾ واڌي سميت ڪا بقاياجات توڙي رٽائرڊ ٿيل ملازمن کي گريجوئٽي سميت ڪا به مراعت نٿي ملي، جنهن ڪري رٽائرڊ ٿيل ملازم سراپا احتجاج بڻيل آهن. هنن انڪشاف ڪندي چيو ته ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي انتظاميه پاڻ زبردستي ملازمن جي پگهارن مان ڪٽوتي ڪري انهن سان زيادتي ڪري رهي آهي، جنهن ۾ ميونسپل ڪميٽي جو چيئرمين ۽ سموري انتظاميه شامل آهي، هنن سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته کين رٽائرڊ ٿيڻ بعد گريجوئٽي سميت سمورين مراعتون ڏيئي پريشاني کان بچائڻ سميت حاضر سروس ملازمن توڙي رٽائرڊ ٿيل ملازمن کي هن مهنگائي واري دور ۾ پگهارن ۽ پينشن ۾ اضافو ڪرائي ٿيل ڪٽوتي بند ڪرائي ملازمن کي ڊفرنس، پگهارن ۾ واڌي سان گڏ کين رليف مهيا ڪري پريشاني کان بچايو وڃي. ٻئي صورت ۾ جائز مسئلن جي حل تائين سندن پرامن احتجاج جاري رهندو.

بقايا عوامي سوچ 09

ن پاس ٿيڻ باوجود گذريل ٽن سالن کان چونڊيل نمائندن پاران پل تعمير ڪرائڻ لاءِ پل جي سروي ڪرائڻ باوجود پل تعمير ٿي ناهي سگهي، مقامي متاثر ڳوٺاڻن زاهد ايوب ملاح، عبدالستار، صاحبڏنو محمد عباس موجب نه ڳوٺ جو زبون حال بڻيل هڪ ڪلو ميٽر روڊ تو تعمير ٿئي ۽ نه ئي هڪ سئو گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ اسڪول، صحت مرڪز سميت ڪا به بنيادي سهوليت ميسر ٿي ناهي سگهي، مقامي ڳوٺاڻن موجب ڳوٺ جا ٻارڙا ڳوٺ ۾ اسڪول نه هجڻ ڪري هڪ ڪلوميٽر پري ٺٽو/جهمپير روڊ ڪراس ڪري توڙي ناري چچ واهه پار ڪري اسڪولن ڏانهن تعليم پرائڻ لاءِ وڃن ٿا، جن جو زندگيون به هميشه خطري هيٺ آهي، جڏهن ته پڙهيل نوجوانن کي نوڪريون نه ملڻ ڪري بيروزگاري ۾ به اضافو ٿيو آهي، متاثر ڳوٺاڻن سمورن وس وارن کان گهر ڪئي آهي ته ڳوٺ خالو ميربحر جو زبون حال روڊ نئي سر تعمير ڪرائڻ سميت چام واهه مٿان پل تعمير ڪرائي ڳوٺ ۾ اسڪول، صحت مرڪز، سولر سسٽم، پڙهيل نوجوانن کي نوڪريون مهيا ڪري ڳوٺاڻن کي سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪري ڳوٺاڻن کي وڌيڪ پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 10

ڪيو. گستا جي دوستن استادن لاءِ ٿڌي پاڻي جون بوتلون، جوس ۽ ٻيون شيون پيش ڪري پنهنجي محبت ۽ ساٿ جو ثبوت ڏنو. پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جا سمورا عهديدار ۽ ساٿي گستا ضلعي ٺٽي جي دوستن جا دل جي گهراين سان ٿورائتا آهن، جن استادن جي جائز حقن ۽ مسئلن لاءِ جاري جدوجهد ۾ اسان سان گڏ بيهي يڪجهتي جو پيغام ڏنو. اسان جو عزم آهي ته جتي به استاد سان ناانصافي ٿيندي ۽ استادن جا مسئلا هوندا، اتي پ ٽ الف ۽ گستا جا ساٿي استادن سان گڏ بيٺل هوندا. استادن جي حقن جي حاصلات لاءِ گڏيل جدوجهد ئي اسان جي ڪاميابيءَ جو رستو آهي. گستا جي ساٿين جي محبتن، خلوص ۽ حوصلا افزائيءَ تي هڪ ڀيرو ٻيهر دل سان شڪريو. استاد اتحاد، محبت ۽ پائيچارو هميشه قائم ۽ دائم رهي.

بقايا عوامي سوچ 11

يس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي هدايتن تي ٺٽو پوليس پاران ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي. ايس ايڇ او ٿاڻو ٺٽو انسپيڪٽر رياض حسين سومرو ۽ انچارج پوليس پوسٽ ٺٽو سب انسپيڪٽر راجا ظفر راجپوت پنهنجي عملي سميت گشت دوران جڏهن عيدگاهه لنڪ روڊ جي ويجهو پهتا ته ٽن جوابدارن پوليس کي ڏسي جان سان مارڻ جي ارادي سان فائرنگ شروع ڪري ڏني. پوليس مقابلي دوران هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. زخمي جوابدار جي سڃاڻپ سلمان ولد محمد صالح ملاح، رهواسي ٺٽو جي نالي سان ٿي آهي. جوابدار مبينا طور سنگين نوعيت جي ڏوهن ۾ ملوث آهي ۽ پوليس کي گهربل آهي. جوابدار جي قبضي مان ڏوهن ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ پستول ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي. جوابدار جو ڏوهاري رڪارڊ طلب ڪيو پيو وڃي. گرفتار جوابدار سلمان ولد محمد صالح ملاح جو ڏوهاري رڪارڊ ايف آءِ آر نمبر 356/2026، قلم 392 ۽ 397 پي پي سي، ٿاڻو ٺٽو ايف آءِ آر نمبر 320/2026، قلم 392 ۽ 397 پي پي سي، ٿاڻو مڪلي. ايف آءِ آر نمبر 330/2026، قلم 392 ۽ 397 پي پي سي، ٿاڻو مڪلي. ايف آءِ آر نمبر 358/2026، قلم 392 ۽ 397 پي پي سي، ٿاڻو مڪلي. ايف آءِ آر نمبر 353/2026، قلم 392 ۽ 397 پي پي سي، ٿاڻو مڪلي. ايف آءِ آر نمبر 413/2025، قلم 324، 398، 401 ۽ 34 پي پي سي، ٿاڻو ٺٽو ايف آءِ آر نمبر 383/2026، قلم 392 ۽ 397 پي پي سي، ٿاڻو ٺٽو. ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي کين شاباس ڏني ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو

بقايا عوامي سوچ 12

شاگردن ۾ ڪتاب ورهايا ويا. ان موقعي تي اسڪول جي ٻارڙن جي تعليمي بهتري لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪرڻ جي خاطري پڻ ڪرائي وئي. ڪتابن جي ورهاست جو مقصد ٻارڙن ۾ تعليم جي اهميت اجاگر ڪرڻ، مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ ۽ کين معياري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿائڻ آهي. امجد انور علي ڪريمي ۽ احمد علي ڪريمي چيو ته نئين نسل جي بهتر مستقبل لاءِ تعليم جو فروغ ضروري آهي، تنهنڪري اسڪول جي ٻارڙن جي تعليمي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي هر ممڪن سهڪار ڪيو ويندو. علائقي جي علم دوست حلقن پاران اهڙي قدم کي ساراهيو پيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ٻارڙن کي ڪتابن جي فراهمي ۽ تعليم جي حوصلا افزائي سان سندن علمي صلاحيتن کي هٿي ملي ٿي.

بقايا عوامي سوچ 13

ينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي جي ستين ڪلاس ۾ هڪ معلوماتي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب کي خطاب ڪندي سينئر استاد محمد صفدر ٺٽوي، استاد شاهجهان شاهه، استاد عابد علي جوکيو ۽ استاد آفتاب مصطفيٰ جوکيو چيو ته هن ڏينهن جو مقصد دنيا ۾ بک، غذائي کوٽ، کاڌي جي غير مساوي ورڇ ۽ کاڌي جي ضايع ٿيڻ جي مسئلن بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي. انهن وڌيڪ چيو ته هن ڏينهن تي اسان کي اهو احساس ڏياريو ويندو آهي ته کاڌو هر انسان جي بنيادي ضرورت آهي ۽ ڪنهن به سماج ۾ کاڌي جي قيمت، ان جو بهتر استعمال ۽ ضرورتمندن تائين ان جي رسائي تمام ضروري آهي. اسان کي ڪنهن به حالت ۾ پنهنجي کاڌي کي ضايع نه ڪرڻ گهرجي. کاڌي جي قدر ڪريو ان کي ضايع نه ڪريو. غريب ملڪن ۾ کاڌي جي وڏي کوٽ آهي. ۽ اڄ جي نوجوان نسل کي کاڌي جي اهميت جي خبر ناهي. اهوئي سبب آهي جو اهي جسماني طور تي به ڪمزور آهن. اسڪول جي شاگردن فرحان علي آرائين، نعمان خان ۽ ٻين کاڌي جي اهميت کي بيان ڪرڻ لاءِ ڊرائنگ، چارٽ ۽ پوسٽر ناهيا. ياد رهي ته هي ڏينهن سڄي دنيا ۾ گڏيل قومن جي سڀني ميمبر ملڪن پاران ملهايو ويندو آهي. پاڪستان ۾ هر سال قومي سطح تي عالمي کاڌي جو ڏينهن به جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويندو آهي. جنهن جو مقصد عوام ۾ شعور ۽ شعور اجاگر ڪرڻ آهي. کاڌي جي اهميت بابت ريليون، سيمينار، آگاهي مهمون ۽ مختلف پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن

بقايا عوامي سوچ 14

بحران کي منهن ڏيڻ لڳو ٻن ويلن جي ماني حاصل ڪرڻ به ڏکيو بڻجي ويو. جڏهن ته ٻارڙن جي تعليم، بيمارن جي علاج ۽ گهر جو خرچ هلائڻ پورهيتن لاءِ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي، شهرين ۽ اٽي جي چڪي ۽ ملز مالڪن جي اڳواڻن سنڌ سرڪار کان ڪڻڪ ۽ اٽي تي سبسڊي ڏئي اگهه گهٽائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. شهرين گل پنڊ، روزينا جتوئي، مجيب پنهور ۽ ٻين دانهيندي چيو ته پيپلزپارٽي جي سنڌ سرڪار هڪ پاسي عوام کي روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جو نعرو ڏئي ٿي، ته ٻئي پاسي مهانگائي سبب غريب ماڻهن جي وات مان ماني جو گرهه کسجي رهيو آهي، هنن چيو ته مهانگائي اڳ ئي عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي، مٿان وري اٽي جي اگهن ۾ واڌ سبب پورهيت طبقو سخت مالي پريشانيءَ ۾ مبتلا آهي، هنن الزام هنيو ته سرڪار پاران تقريبن 3500 رپيا في مڻ خريد ڪيل ڪڻڪ ملز مالڪن کي 5000 رپيا في مڻ ڏيڻ جي اعلان سبب اٽي جا اگهه وڌڻ جو خدشو پيدا ٿيو آهي، هنن چيو ته پنجاب سرڪار پاران ڪڻڪ ۽ اٽي تي سبسڊي ڏئي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جون خبرون سامهون اچي رهيون آهن، جڏهن ته سنڌ ۾ عوام کي مهانگائيءَ کان بچائڻ لاءِ اثرائتا قدم نظر نٿا اچن، اصغر علي سولنگي، ممتاز علي چانڊيو، جمن چارڻ، نظير احمد ملاح ۽ ٻين پورهيتن چيو ته هو ڏهاڙي تي مزدوري ڪري پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالين ٿا، پر وڌندڙ مهانگائي سبب هاڻي گهر جو چلهو ٻارڻ به ڏکيو ٿي ويو آهي، هنن سوال ڪيو ته محدود آمدنيءَ مان ٻارن جي تعليم جو خرچ پورو ڪن، بيمارن جو علاج ڪرائين يا ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪن؟ هنن صدر پاڪستان ۽ بلاول ڀٽو زرداري کي اپيل ڪئي ته پنجاب وانگر سنڌ ۾ به اٽي تي سبسڊي ڏئي مهانگائيءَ جي طوفان کي روڪيو وڃي، ٻئي طرف دادو جي ملز ۽ چڪي مالڪن جي يونين جي اڳواڻن سڪندر لاکير، عرفان شيخ ۽ ٻين چيو ته ڪڻڪ جي خريداري ۽ سرڪاري اگهن بابت پاليسين سبب اٽي جي قيمتن ۾ واڌ ٿي رهي آهي. هنن موجب اٽو 170 کان 200 رپيا في ڪلو تائين ريزڪي اگهه تي وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون آهن. جڏهن ته موجوده صورتحال برقرار رهي ته اگهه وڌيڪ وڌڻ جو خدشو آهي. هنن خبردار ڪيو ته خوراڪ جي بنيادي ضرورت مهانگائي ٿيڻ سان غريب خاندانن جون مشڪلاتون وڌنديون ۽ سماجي بيچيني ۾ به اضافو ٿي سگهي ٿو هنن سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيو ته ڪڻڪ ۽ اٽي تي فوري سبسڊي ڏئي اگهن تي ضابطو آندو وڃي، جيئن مزدور، هاري ۽ غريب ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ ٻن ويلن جي ماني پيٽ ڀري کائي سگهن. هوڏانهن ڪڻڪ جي اگهن بابت سامهون آيل انگن اکرن موجب گذريل سال پنجاب ۾ ڪڻڪ جي بوري جو اگهه 9000 رپيا، جڏهن ته سنڌ ۾ 8000 رپيا ٻڌايو ويو هو هن سال سنڌ ۾ ڪڻڪ جي بوري جو اگهه 12 هزار 500 رپيا مقرر ٿيڻ، جڏهن ته پنجاب ۾ 9400 رپيا اگهه هجڻ جون دعوائون ڪيون پيون وڃن، هارين ۽ آبادگارن جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ ڪڻڪ جو بمپر فصل لهڻ باوجود کين فصل جا مناسب اگهه وقت سر نٿا ملن، جڏهن ته هارين کان ڪڻڪ خريد ڪرڻ کان پوءِ ان جي اگهن ۾ واڌ جو بار آخرڪار عام صارف ۽ غريب عوام تي پوي ٿو شهرين، پورهيتن، هارين ۽ ملز مالڪن جي اڳواڻن سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڻڪ جي خريداري، سرڪاري وڪري ۽ اٽي جي ريزڪي اگهن بابت پاليسي تي نظرثاني ڪري عوام کي فوري رليف ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ ته اٽي جي وڌندڙ قيمتن سبب روزانو جي بنياد تي ڪم ڪندڙ مزدور ۽ بيروزگار طبقو سخت معاشي تڪليفن کي منهن ڏئي رهيو آهي

بقايا عوامي سوچ 15

راحمد خاصخيلي پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه عوامي حقن ۽ غريبن جي ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي: منير احمد خاصخيلي پاڪستان خاصخيلي اتحاد ضلعي متياري جي صدر ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه متياري جي انفارميشن سيڪريٽري منير احمد خاصخيلي چيو آهي ته خاصخيلي قوم سنڌ جي قديم ۽ باعزت قوم آهي، جنهن تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. برادري جي ترقي لاءِ نوجوانن کي تعليم، شعور ۽ اتحاد ڏانهن راغب ڪرڻ ضروري آهي. هن چيو ته پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو مقصد برادري کي منظم ڪرڻ، نوجوانن کي تعليم ڏانهن مائل ڪرڻ ۽ ماڻهن جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ آهي. اتحاد جي پليٽ فارم تان خاصخيلي برادري جي حقن لاءِ آواز اٿاريو ويندو ۽ سماجي بهتري لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکيون وينديون. منير احمد خاصخيلي پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي چيئرمين سرائي نياز حسين خاصخيلي جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته هو هڪ سچو، ايماندار ۽ بهادر اڳواڻ آهي، جيڪو هر وقت پنهنجي قوم جي ماڻهن سان گڏ بيٺل رهي ٿو هن چيو ته چيئرمين جي قيادت ۾ اتحاد وڌيڪ مضبوط ۽ منظم ٿيو آهي، جڏهن ته برادري جي اتحاد ۽ حقن لاءِ سندس ڪردار ساراهه جوڳو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه متياري جي انفارميشن سيڪريٽري منير احمد خاصخيلي چيو ته پيپلزپارٽي هميشه جمهوريت، عوامي حقن ۽ غريب ماڻهن جي ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي عوامي خدمت واري سياست پارٽي جو اهم اثاثو آهي. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ نوجوانن کي اڳتي آڻڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان خاصخيلي اتحاد برادري جي ترقي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي عوام جي خدمت واري مقصد تحت پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا عوامي سوچ 16

مبينا طور پنهنجي چئن معصوم نياڻين 7 ورهين جي جمنا، 5 ورهين جي ليلا، 4 ورهين جي پوڃي ۽ 2 ورهين جي وجي سميت زهريلي دوا پي ڇڏي، جنهن سبب پيءُ سميت پنج ئي ڄڻا بيهوش ٿي ويا. ڳوٺاڻن کين ڳڻتي جوڳي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر ڏورو نارو پهچايو، جتان طبي امداد بعد وڌيڪ علاج لاءِ عمرڪوٽ ريفر ڪيو ويو. وارثن موجب گهرو تڪرار ۽ زال جي گهر ڇڏڻ واري معاملي سبب ڪيمچند مبينا طور ذهني صدمي ۾ هو. واقعي جا وڌيڪ تفصيل ۽ سبب سامهون اچڻا آهن.

بقايا عوامي سوچ 17

تي زور __ آغا خان رورل سپورٽ پروگرام جي اهتمام هيٺ ضلعي انتظاميه سڄاول جي سهڪار سان ڳوٺ فتح محمد سومرو، تعلقي ۽ ضلعي سڄاول ۾ ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو تقريب جو خاص مهمان ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر__IIمحمد پيرل چانڊيو هو جڏهن ته مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن، ترقياتي ادارن ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي نمائندن، ڪميونٽي اڳواڻن ۽ مقامي عورتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر__IIمحمد پيرل چانڊيو ۽ ٻين مقررن زراعت، گهريلو معاملن ۽ سماجي ترقيءَ ۾ ٻهراڙيءَ جي عورتن جي اهم ڪردار کي اجاگر ڪيو هنن چيو ته ٻهراڙيءَ جون عورتون سماج ۽ ملڪ جي معيشت جي ترقيءَ ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري رهيون آهن، تنهن هوندي به کين تعليم، صحت، فني تربيت ۽ مالي سهولتن تائين پهچ جي حوالي سان وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر زور ڀريو ته ٻهراڙيءَ جي عورتن کي تعليم ۽ هنر جي فراهمي سان گڏ معاشي سرگرمين ۾ ڀرپور شرڪت جا بهتر موقعا ڏئي کين خودمختيار بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته عورتن جي سماجي ۽ معاشي ترقي ٻهراڙيءَ جي علائقن جي پائيدار ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ انتهائي اهم آهي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي ٻهراڙيءَ جي عورتن جي ڀلائي، کين بااختيار بڻائڻ ۽ سندن سماجي ۽ معاشي حيثيت بهتر ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا، ترقياتي ادارن ۽ مقامي برادريءَ وچ ۾ گڏيل ڪوششون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 18

ي ۽ شهر جي ترقيءَ لاءِ ضلعي انتظاميا ۽ سول سوسائٽيءَ کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. هن چيو ته شهر مان حدخلين جي خاتمي لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، جنهن لاءِ شهرين جو سهڪار پڻ ضروري آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪمشنر ڪانفرنس هال ۾ ڊپٽي ڪمشنر سردار سمير لغاري سان گڏ ميرپورخاص سٽيزن فورم ۽ وومن ليڊرشپ فورم جي گڏيل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاس ۾ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جي نمائندي محمد بخش ڪپري، ڊاڪٽر واحد، ايڊووڪيٽ انجم شهزادي، رضيه بيگم، لينا خالد، سلميٰ، محمد رفيق لغاري، شير محمد سولنگي، روشن عالم، شوڪت علي، فيصل خانزئي، زاهد قائم خاني، علي ڪوڪر ۽ ٻين شرڪت ڪئي، جڏهن ته سول سوسائٽيءَ جي شاهد الرحمان ڪنوينر طور شهرين جا مسئلا پيش ڪندي مختلف تجويزون ڏنيون. اجلاس ۾ دارالامان ميرپورخاص جي ايس اين اي (SNE)جي منظوري نه ٿيڻ جو مسئلو پڻ اٿاريو ويو جنهن تي ڪمشنر لاڳاپيل معاملي جي حل لاءِ قدم کڻڻ جي خاطري ڪرائي. محنت ڪش عورتن، خاص طور تي هٿ سان نهيل شيون تيار ڪندڙ عورتن لاءِ مناسب جاءِ مختص ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي، جتي اهي پنهنجون تيار ڪيل شيون وڪرو ڪري سگهن. ان موقعي تي ڪمشنر هدايت ڪئي ته اهڙي مناسب جاءِ چونڊي وڃي، جتي هٿ جي هنر سان تيار ڪيل شين جي وڪري سان گڏ ميلي جهڙو ماحول پڻ هجي، جيئن هر طبقي سان تعلق رکندڙ خاندان تفريحي سرگرمين مان لطف اندوز ٿي سگهن. هن چيو ته ان جاءِ تي ٻارن لاءِ جهولا، جسماني ۽ ذهني صحت سان لاڳاپيل سهولتون ۽ نظم وضبط جو پڻ خاص خيال رکيو وڃي. صحت جي مسئلن بابت ڳالهائيندي ڪمشنر چيو ته ڊسٽرڪٽ هيڊڪوارٽر (ڊي ايڇ ڪيو) اسپتال جي بهتري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ڊاڪٽرن جي کوٽ بابت هن چيو ته ميرپورخاص ۾ خدمتون سرانجام ڏيڻ جي خواهش رکندڙ ڊاڪٽرن جي مقرري لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون. پيپلز بس سروس کي ٽول تائين وڌائڻ واري تجويز تي ڪمشنر لاڳاپيل اداري کان فزيبلٽي رپورٽ حاصل ڪرڻ جي هدايت ڪئي، جيئن ان تجويز جي عملي امڪانن جو جائزو وٺي سگهجي. نوجوانن ۾ ون ويلنگ جي روڪٿام بابت مسئلو پڻ بحث هيٺ آيو جنهن تي ڪمشنر ان جي روڪٿام لاءِ قدم کڻڻ جي خاطري ڪرائي. ريسڪيو 1122 جي سهولتن بابت هن چيو ته شهر، شاهراهن ۽ اسپتالن تائين سروس جي اثرائتي پهچ يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. حدخلين جي معاملي تي ڪمشنر چيو ته انتظاميا اڳ ئي ان مسئلي جي حل لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. هن خبردار ڪيو ته ٻيهر حدخليون قائم ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪندي ايف آءِ آر پڻ داخل ڪرائي سگهجي ٿي. هن چيو ته جيڪڏهن شهري پنهنجي شهر جي بهتري چاهين ٿا ته کين سول سوسائٽيءَ جي ذريعي انتظاميا سان سهڪار ڪرڻو پوندو ۽ اجتماعي مفادن کي ذاتي مفادن تي ترجيح ڏيڻي پوندي. اجلاس ۾ ٽيچنگ اسپتال، سوٽ ۽ گاما اسٽيڊيم جي بهتريءَ بابت معاملا پڻ بحث هيٺ آيا، جن تي شرڪت ڪندڙن کي جاري قدمن کان آگاهه ڪيو ويو. اٽي جي اگهن بابت شڪايت تي ڪمشنر چيو ته سنڌ حڪومت پاران اگهه مقرر ٿيڻ سان ان مسئلي جي حل ۾ مدد ملندي. اجلاس ۾ مسافروينن ۾ گنجائش کان وڌيڪ ماڻهو ويهارڻ جي شڪايت پڻ ڪئي وئي. ان موقعي تي ڪمشنر ٻارن جي تربيت ۾ سماجي ذميوارين جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته ٻارن جي ڪردار سازيءَ ۾ ماءُ جي هنج ۽ والدين جي تربيت بنيادي اهميت رکن ٿا. ٻارن کي معاشري ۾ مثبت ۽ ذميوار ڪردار ادا ڪرڻ جي تربيت ڏيڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. اجلاس دوران شرڪت ڪندڙن ٻين شهري ۽ سماجي مسئلن جي پڻ نشاندهي ڪئي، جن تي ڪمشنر لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي خاطري ڪرائي

بقايا عوامي سوچ 19

عاهدو استادن کي عورتن جي بااختيار بڻائڻ، صنفي تشدد جي روڪٿام ۽ مثبت مردانگي جي واڌاري بابت تربيت ڏني ويندي تفصيلن موجب، ميرپورخاص ضلعي تعليم کاتي ۽ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام (سي ايس ايس پي) جي وچ ۾ استادن جي تربيت لاءِ هڪ معاهدو ٿيو آهي، جنهن تحت سرڪاري اسڪولن جي استادن کي عورتن جي بااختيار بڻائڻ، صنفي تشدد، مثبت مردانگي ۽ ٻين اهم سماجي موضوعن تي تربيت فراهم ڪئي ويندي. تعلقي تعليم آفيسر مونا ناز، اسسٽنٽ ايجوڪيشن آفيسر رضيه بيگم، سول سوسائٽي شاهد الرحمان، اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر علي خان ناريجو ۽ ٻيا آفيسر ۽ سماجي شخصيتون ان موقعي تي موجود هيون. ان سلسلي ۾، ضلعي ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري اينڊ سيڪنڊري مير فضل محمد ٽالپور ۽ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جي ضلعي مئنيجر محمد بخش ڪپري تعليم کاتي جي آفيس ۾ معاهدي تي صحيحون ڪيون. معاهدي تحت، چونڊيل استاد ايندڙ مهيني کان اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ تربيتي سرگرمين ۾ حصو وٺندا، جتي انهن کي عورتن جي حقن، صنفي برابري، صنفي تشدد جي روڪٿام، مثبت مرد ڪردار ۽ ٻين اهم موضوعن تي تربيت ڏني ويندي. تربيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، اهي استاد پنهنجن لاڳاپيل اسڪولن ۾ شاگردن لاءِ آگاهي سيشن منعقد ڪندا، ته جيئن تربيت جا نتيجا وڌ کان وڌ ٻارن تائين پهچي سگهن. ان موقعي تي، ضلعي تعليم آفيسر مير فضل محمد ٽالپر ۽ سي ايس ايس پي ضلعي مئنيجر محمد بخش ڪپري چيو ته سماج ۾ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي صنفي برابري، عورتن جي حقن ۽ تشدد جي روڪٿام بابت آگاهي فراهم ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. اسڪول هن مقصد لاءِ هڪ مؤثر پليٽ فارم آهن، جتي ٻارن جي مثبت سوچ ۽ روين کي شڪل ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته استادن ذريعي اسڪولن ۾ آگاهي سيشن منعقد ڪرڻ سان نه رڳو شاگردن ۾ شعور پيدا ٿيندو پر اهي انهن جي گهرن، خاندانن ۽ پاڙي ۾ مثبت پيغام پهچائڻ جو ذريعو پڻ بڻجي ويندا. ٻنهي ادارن جي وچ ۾ هي سهڪار صنفي برابري کي فروغ ڏيڻ، عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ تشدد کان پاڪ، محفوظ ۽ برابري وارو سماج ناهڻ جي طرف هڪ اهم ۽ موئثر قدم آهي

بقايا عوامي سوچ 20

آواز اٿارڻ تي 'اينٽي اسٽريٽ ڪرائم فورم ڪراچي' جي خدمتن کي زبردست لفظن ۾ ساراهيو آهي ۽ فورم جي چيئرمين سيدالحسن وڪيل ۽ عهديدارن کي اعزازي شيلڊ سان نوازيو آهي. هن موقعي تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي ڊپٽي ميئر واضح ڪيو ته ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC)شهر مان ڏوهن ۽ ڪرائم جي خاتمي ۽ امن امان جي قيام لاءِ اسٽريٽ ڪرائمز ۽ هر قسم جي ڏوهن خلاف هن فورم سان گڏجي ڪم ڪندي. هن عهديدارن کي KMCجي سڀني ممڪن اختيارن ۽ سهڪار جو يقين ڏياريو. سلمان عبدالله مراد صاف لفظن ۾ خبردار ڪيو ته جيڪو به شخص ڪنهن به سرڪاري عهدي تي ويٺل هجي ۽ غير قانوني ڪمن ۾ ملوث پاتو ويو، قانون جي چمبي مان بچي نه سگهندو ان تي سختيءَ سان پيش اچبو ۽ قانون جي حڪمرانيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي. تقريب جي شرڪت ڪندڙن ۽ شهرين ڊپٽي ميئر جي هن پڪي عزم ۽ موقف کي بيحد ساراهيو آهي، جنهن سان نه رڳو عوام ۾ تحفظ جو احساس وڌيو آهي پر قانون جي پيچ ڪڙي خلاف سخت ڪارروائي جو مضبوط عظم پڻ ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 21

استادن جي علامتي بک هڙتال ٽئين ڏينهن به جاري رهي بک هڙتال ۾ استادن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪري حڪومت کان پنهنجا جائز مطالبا فوري طور منظور ڪرڻ جو مطالبو ڪيو محمد ذڪريا برڙو ڊويزنل صدر سکر، تاج محمد ڪٽپر، صدر تعلقو روهڙي، نياز حسين شاهه، جنرل سيڪريٽري تعلقو روهڙي، اعجاز احمد شيخ ۽ غلام حسين جسڪاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ استادن احتجاج ڪيو ان موقعي تي مظاهرين چيو ته پرائمري استادن جا جائز مسئلا ڊگهي عرصي کان حل طلب آهن. پر حڪومت پاران سنجيدگيءَ جو مظاهرو نه پيو ڪيو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته استادن جا مسئلا فوري طور حل ڪري کين سندن حق ڏنا وڃن استادن جي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته پي ايس ٽي ۽ اي ايس ٽي کان هيڊ ٽيچر تائين واضح، باقاعده ۽ قابل عمل سروس اسٽرڪچر منظور ڪيو وڃي، جڏهن ته پرائمري استادن جون رڪيل ترقيون فوري طور بحال ڪري ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽين (ڊي پي سيز) جا اجلاس منعقد ڪيا وڃن هنن مطالبو ڪيو ته استادن کي ٽائيم اسڪيل ترقيءَ جا مناسب موقعا فراهم ڪرڻ سان گڏ پرائمري استادن کي گريڊ 14 ۽ هيڊ ماسترن کي گريڊ 17 ڏنو وڃي مظاهرين وڌيڪ مطالبو ڪيو ته ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪيل استادن کي سندن پهرين مقرريءَ جي تاريخ کان مستقل ڪيو وڃي، جڏهن ته بي آءِ سي ايس (BECS)۽ اين سي ايڇ ڊي (NCHD)جي استادن کي به ريگيولر ڪري مستقل استادن جي برابر جائز مراعتون ڏنيون وڃن ان کان علاوه استادن لاءِ هيلٿ ڪارڊ جاري ڪرڻ، پگهارن جي بروقت ادائيگي يقيني بڻائڻ، غير تدريسي ڊيوٽيون ختم ڪرڻ ۽ پرائمري اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جا مطالبا پڻ ڪيا ويا استادن جي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن ۾ علامتي بک هڙتال کان پوءِ احتجاج جي ٻئي مرحلي ۾ ضلعي سطح تي مظاهرا ڪيا ويندا جيڪڏهن ان باوجود سندن مطالبا منظور نه ڪيا ويا ته ڪراچيءَ ڏانهن لانگ مارچ ڪري وزيراعليٰ هائوس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو هنن واضح ڪيو ته مطالبن جي منظوريءَ تائين احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي ۽ استاد پنهنجا جائز حق حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندا.

بقايا عوامي سوچ 22

ٽيل سولر پليٽن جي ماليت 4 لک روپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي. واقعي کانپوءِ ڊرائيور ۽ ڪلينر قانوني ڪارروائي لاءِ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان خانوٽ ٿاڻي تي موجود آهن. پر جامشورو پوليس ٿاڻن جي حدن واري تڪرار ۾ الجهيل هجڻ سبب ڪارروائي کان پاسو ڪرڻ لڳي آهي. ذريعن موجب، مانجهند ۽ خانوٽ ٿاڻن جي حدن جي تڪرار سبب متاثر ڊرائيور ۽ ڪلينر پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. متاثرن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل سولر پليٽون واپس ڪرايون وڃن ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 23

رکندڙن ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي. هو مهانگائيءَ جي مار ۾ ورتل غريب پورهيتن جي درد ۽ پريشانين جو آواز بڻيل هو اڄ لاهوتي ميرل ملاح ته اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو پر سندس دانهن سماج اڳيان ڪيترائي سوال ڇڏي وئي آهي. آخر غريب ۽ پورهيت ڪيتري دير تائين مهانگائيءَ جو بار برداشت ڪندا رهندا؟ بک، بيروزگاري ۽ وڌندڙ اگهن سبب پريشان ماڻهن جي آواز کي ڪير ٻڌندو؟ الله پاڪ مرحوم لاهوتي ميرل ملاح جي مغفرت فرمائي، کيس جوارِ رحمت ۾ جاءِ عطا ڪري ۽ سندس وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين. هڪ پورهيت جو وڇوڙو، مهانگائيءَ جي مار ۾ ورتل غريبن جي درد جي ياد ڏياري ويو.

بقايا عوامي سوچ 24

ڊ پاران تعليمي سال 2026_2027ع لاءِ يارهين ڪلاس (HSC_Part_I)جي شاگردن جي داخلا ۽ رجسٽريشن لاءِ شيڊول جاري ڪيو ويو آهي، جنهن موجب آن لائين داخلا فارم 16 آڪٽوبر کان 16 نومبر 2026ع تائين اپلوڊ ڪري سگهجن ٿا. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب سرڪاري ۽ پبلڪ سيڪٽر تعليمي ادارن کي داخلا فيس ۽ آن لائين سروس چارجز کان ڇوٽ ڏني وئي آهي، جڏهن ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سان رجسٽرڊ خانگي تعليمي ادارن جي شاگردن جي داخلا فيس 1500 رپيا فائونڊيشن پاران ادا ڪئي ويندي، شاگردن کان اها فيس وصول نه ڪئي ويندي، البته 100 رپيا آن لائين سروس چارجز لاڳو هوندا. ٻين خانگي تعليمي ادارن لاءِ ڪل داخلا فيس 1600 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي. نوٽيفڪيشن ۾ لاڳاپيل تعليمي ادارن جي سربراهن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته مقرر وقت اندر شاگردن جي داخلا ۽ رجسٽريشن جو عمل مڪمل ڪيو وڃي، جيئن دير سان داخلا جمع ڪرائڻ تي ڏنڊ کان بچي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 25

قدم جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي وزيراعظم پاڪستان، وزير داخلا، وزير اطلاعات ۽ چيئرمين سي ڊي اي کان مطالبو ڪيو آهي ته اخبار مارڪيٽ کي فوري طور تي ڊي سيل ڪري سڄي ملڪ جي اخبار فروشن جي معاشي مفادن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي. يونين اڳواڻن پنهنجي بيان ۾ چيو ته اخبار مارڪيٽ ملڪ ۾ اخبارن جي ترسيل ۽ ورهاست واري نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. مارڪيٽ کي سيل ڪرڻ سان اخبار فروشن جي روزگار، ڪاروباري سرگرمين ۽ اخبارن جي ورهاست واري نظام تي ناڪاري اثر پوڻ جو خدشو آهي. هنن چيو ته اخبار فروشي سان وابسته ماڻهو اڳ ئي معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن، اهڙي صورتحال ۾ مارڪيٽ جي بندش سندن لاءِ وڌيڪ پريشانين جو سبب بڻجي سگهي ٿي. محمد عمران خانزاده، بشير شاهه ۽ طفيل احمد عبدالواحد سمون چيو ته اخبار فروش طبقو روزانو صبح سوير عوام تائين اخبارون پهچائڻ لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي ٿو. هن شعبي سان وابسته هزارين ماڻهن جو روزگار اخبارن جي خريد و فروخت ۽ ورهاست سان جڙيل آهي، ان ڪري هن شعبي بابت ڪنهن به فيصلي ۾ اخبار فروشن جي معاشي حقن ۽ روزگار کي نظر ۾ رکڻ گهرجي. هنن وزيراعظم پاڪستان، وفاقي وزير داخلا، وفاقي وزير اطلاعات ۽ چيئرمين سي ڊي اي کي اپيل ڪئي ته اسلام آباد اخبار مارڪيٽ جي بندش واري معاملي جو فوري نوٽيس ورتو وڃي، لاڳاپيل اختيارين سان مشاورت ڪري مسئلي جو حل ڪڍيو وڃي ۽ مارڪيٽ کي بلا دير ڊي سيل ڪيو وڃي ته جيئن اخبار فروشن کي درپيش مشڪلاتن جو خاتمو ٿي سگهي. اخبار فروش يونين تنظيم اڳواڻن واضح ڪيو ته جيڪڏهن اخبار مارڪيٽ کي فوري طور تي ڊي سيل نه ڪيو ويو ۽ اخبار فروشن جي مطالبن تي ڌيان نه ڏنو ويو ته سڄي ملڪ جا اخبار فروش پنهنجن حقن جي تحفظ لاءِ احتجاج جو رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿيندا، جنهن جي نتيجي ۾ سڄي پاڪستان ۾ احتجاجي سرگرميون شروع ٿي سگهن ٿيون. يونين اڳواڻن هن عزم جو اظهار ڪيو ته اخبار فروش برادري جي معاشي مفادن ۽ روزگار جي تحفظ لاءِ هر ممڪن قانوني ۽ جمهوري رستو اختيار ڪيو ويندو. هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي کي وڌيڪ ڊگهو ڪرڻ بدران فوري قدم کنيا وڃن ته جيئن اخبار فروشن ۾ موجود پريشاني ختم ٿئي ۽ اخبارن جي ترسيل وارو نظام متاثر ٿيڻ کان بچي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 26

ختلف سياسي سماجي تنظيمن، نوجوانن ۽ شهرين پاران احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. تفصيل موجب سڄاول ويجهو گورنمينٽ بوائز هائي اسڪول مريد ڪوسو جي استادن پاران ڪجهه ڏينهن اڳ اسڪول جي هيڊ ماستر غلام قادر ڳرماڻي کي اسڪول لاءِ آيل اسپيسيفڪ بجيٽ اسڪول تي ئي خرچ ڪرڻ جو مطالبو ڪرڻ تي هيڊ ماستر استادن تي مچرجي پيو ۽ استادن کي هيسائڻ لڳو جنهن تي استادن پاران اهڙي شڪايت ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سڄاول کي ڏني وئي، جنهن بعد هيڊ ماستر خلاف ڪارروائي ٿيڻ بدران تعليم کاتي سڄاول پاران الٽو اسڪول جي چار استادن ڪاشف احمد ميمڻ، شيراز ميربحر، پون ڪمار ۽ علي اڪبر ڪوسو کي معطل ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو ۽ 8 استادن جي جبري بدلي ڪئي وئي. استادن پاران اسڪول لاءِ آيل اسپيسيفڪ بجيٽ اسڪول تي ئي خرچ ڪرڻ جي مطالبي بعد استادن خلاف ٿيل انتقامي ڪارروائي خلاف گذريل ڏينهن شام جو سڄاول جي استادن، وڪيلن، سياسي سماجي تنظيمن، نوجوانن ۽ شهرين پاران چوهڙ ناڪي کان احتجاجي ريلي ڪڍي پبلڪ پارڪ اڳيان احتجاج مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پبلڪ پارڪ اڳيان مظاهري کي خطاب ڪندي ٺٽو بار جي اڳواڻ سيد اعزاز شاهه، سڄاول بار جي جنرل سيڪريٽري عمران شاهه، وڪيل سلطان ڪوسو جي يو آءِ جي مولوي محمد حسن قاسمي، مولوي اشرف ميمڻ، جسقم شهيد بشير خان جي محمد خان پٺاڻ، ايس ٽي پي جي ممتاز لغاري، پ ٽ الف جي عبدالشڪور ميربحر ۽ ٻين چيو ته جيڪڏهن استادن کي پنهنجي اسڪولن جي ڀلائي ۽ پنهنجي جائز حقن لاءِ آواز اٿارڻ تي معطليءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ته پوءِ سندن مسئلا ڪير ٻڌندو. هن چيو ته تعليم جهڙي اهم شعبي سان لاڳاپيل معاملن کي طاقت يا سزا بدران ڳالهه ٻولهه ۽ انصاف ذريعي حل ڪرڻ گهرجي. هنن چيو ته استاد معاشري جي روشن مستقبل جا معمار آهن. انهن جي عزت، حقن ۽ جائز مطالبن جو احترام ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. استادن جي آواز کي دٻائڻ بدران سندن موقف ٻڌڻ ۽ مسئلن جو منصفاڻو حل ڪڍڻ گهرجي. هنن مطالبو ڪيو ته چئن ئي معطل استادن جي معاملي تي ٻيهر غور ڪيو وڃي، کين فوري طور بحال ڪيو وڃي ۽ سندن جائز مسئلا حل ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 27

۽ همدرديءَ سبب سڃاڻپ رکندڙ مکي راڻومل ولد مکي لڌارام لوهاڻو 82 ورهين جي ڄمار ۾ ڊگهي بيماريءَ بعد ديهانت ڪري ويو. سندس لاڏاڻي جي خبر پوڻ سان مٺي شهر ۽ سندس اباڻي ڳوٺ مکي جي تڙ ۾ ڏک ۽ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي. مکي راڻومل لوهاڻو مٺيءَ ۾ ٽرانسپورٽر ۽ ڊرائيور طور سڃاتو ويندو هو. سندس خاندان ڪيترن ئي نسلن کان ڳوٺ مکي جي تڙ ۾ زمينداري ۽ مکيءَ جي حيثيت سان سڃاتو ويندو رهيو آهي. سندس والد مکي لڌارام پڻ ڳوٺ جو مکي هو. مرحوم پنهنجي خانداني روايتن، سخاوت ۽ سماجي قدرن کي برقرار رکيو. هو ڪافي عرصو اڳ مٺيءَ ۾ اچي آباد ٿيو هو. جڏهن ته پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي زمينن کي هارين جي حوالي ڪري سندن روزگار ۽ خانداني روايتن سان پنهنجو لاڳاپو برقرار رکيو. مرحوم مکي راڻومل سخاوت، انسان دوستي ۽ خدمتِ خلق جي جذبي سبب به مشهور هو. ڍڳين ۽ ڍڳن کي گاهه کارائڻ سندس خاندان جي پراڻي روايت هئي، جنهن کي هو شوق سان نڀائيندو هو. ان سان گڏ معصوم ٻارن کي خرچي ڏيڻ، ٽافيون ورهائڻ ۽ غريبن توڙي مسڪينن جي مدد ڪرڻ سندس نمايان خوبين ۾ شامل هو. مرحوم پنهنجي پويان وڏو ڪٽنب سوڳوار ڇڏيو آهي. سندس پٽ ذاتي ڪاروبار سان لاڳاپيل آهن، جڏهن ته سندس هڪ پٽ مکي ڪنائومل مٺي ميونسپل ڪميٽيءَ جو ڪائونسلر پڻ آهي، جيڪو سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. مکي راڻومل لوهاڻو پنهنجي سٺي اخلاق، سخاوت، انسان دوستي ۽ خانداني روايتن سبب مٺي شهر ۽ ڳوٺ مکي جي تڙ جي ماڻهن جي دلين ۾ هميشه ياد رهندو. سندس وڇوڙي سان خاندان، مٽن مائٽن، دوستن ۽ واقفڪارن کان هڪ شفيق ۽ همدرد شخصيت جدا ٿي وئي آهي. ڌڻي در دعا آهي ته مرحوم جي آتما کي شانتي عطا ٿئي ۽ سندس پوئٽرن کي هي ڏک برداشت ڪرڻ جي سگهه ملي. سندس آخري رسمون رات دير سان مٺي جي شمشان ڀومي ۾ ادا ڪيون ويون آخري رسمن ۾ شهر جي معززين واپارين صحافين ڪائونسلرن عزيزن ۽ مکي جي واسطيدارن دوستن جو وڏو انگ آخري رسمن ۾ شامل هو مکي جي سوڳ ۾ مٺي شهر ب منجهند کانپوءِ بند رهيو.

بقايا عوامي سوچ 28

ڪلوئي ۾ احتجاج ڪيو ۽ لاڳاپيل اختيارين کان تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. تفصيل موجب حيدرآباد واسي ناري بسمه جو چوڻ آهي ته هن عبدالله راجپوت سان پنهنجي مرضي ۽ خوشيءَ سان نڪاح ڪيو آهي، جنهن ڪانپوءِ سندس ماما مبينا طور ڪاوڙجي پيا آهن ۽ کين قتل ڪرڻ چاهين ٿا. ناري بسمه موجب هوءَ حيدرآباد جي ڪچي آبادي واري علائقي جي رهواسڻ آهي، کيس وزير، شاهد، فيصل، ماجد ۽ شريف مهاجر سميت پنهنجي ڪجهه عزيزن مان جان جو خطرو آهي. هن خدشو ظاهر ڪيو ته کيس ۽ سندس مڙس کي ڪنهن به وقت نقصان پهچايو يا قتل ڪرايو وڃي سگهي ٿو. ناري بسمه ڊي آءِ جي حيدرآباد سميت اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته کين فوري طور تحفظ فراهم ڪري سندن جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 29

ي ترقيءَ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي. هوءَ گهر جي ذميوارين سان گڏ ٻنين ٻارن مال جي سار سنڀال ۽ خاندان جي معاشي سهاري لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري ٿي تنهن ڪري سندس محنت کي مڃتا ڏيڻ عزت ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ کيس ترقيءَ جا برابر موقعا ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو عورتن جي حقن آزاديءَ خودمختياري ۽ برابريءَ جي علامت هئي. هن پاڪستاني عورت کي اهو حوصلو ڏنو ته عورت صرف گهر جي چوديواري تائين محدود نه آهي پر سياست تعليم معيشت انتظاميا ۽ قومي قيادت ۾ به اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ جيڪي قدم کنيا سي شهيد بينظير ڀٽو جي فڪر ۽ خواب جي عڪاسي ڪن ٿا. لالا غلام محمد اسراڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت دوران شروع ڪيل بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لکين مستحق ۽ گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن جي عورتن لاءِ مالي سهاري جو اهم ذريعو بڻيو. هن پروگرام عورتن کي سڌي مالي مدد فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن معاشي خودمختياري ۽ خاندان اندر فيصلا ڪرڻ جي صلاحيت کي به هٿي ڏني. اهو شهيد بينظير ڀٽو جي نالي سان منسوب هڪ اهم سماجي تحفظ وارو پروگرام آهي، جنهن جو فائدو ملڪ جي غريب ۽ ضرورتمند عورتن تائين پهچائڻ لاءِ وقت سان گڏ ان کي وڌايو ويو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت پاران عورتن کي گهرن جي مالڪيءَ جو حق ڏيڻ لاءِ پيپلز هائوسنگ اسڪيم تحت 21 لک بي گهر ۽ ضرورتمند خاندانن جي بحاليءَ جا قدم پڻ اهميت رکن ٿا. عورتن کي گهرن جي مالڪيءَ ۾ شامل ڪرڻ جو مقصد کين محفوظ ڇت سماجي تحفظ ۽ باوقار زندگيءَ جو حق ڏيڻ آهي. قدرتي آفتن ۽ ٻوڏن کان متاثر خاندانن جي بحاليءَ واري هائوسنگ پروگرام ۾ عورتن جي نالي تي گهرن جي ملڪيت ڏيڻ واري پاليسي عورتن جي بااختياريءَ ڏانهن اهم قدم آهي. هن چيو ته 21 لک گهرن جي تعمير ۽ مالڪيءَ جي هن عمل کي عورتن جي معاشي تحفظ جي حوالي سان وڏي اهميت حاصل آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ عورتن جي سياسي شرڪت پارليامينٽ ۾ نمائندگي عورتن لاءِ روزگار جي موقعن قانوني تحفظ ۽ سماجي انصاف لاءِ به جدوجهد ڪئي آهي. شهيد محترمه بينظير ڀٽو قيادت عورتن لاءِ اعليٰ عهدن تائين پهچڻ جا نوان رستا کوليا جڏهن ته پارٽيءَ جي حڪومتن عورتن جي تحفظ هراسانيءَ جي روڪٿام ڪم ڪندڙ عورتن جي حقن ۽ عورتن خلاف تشدد جي خاتمي لاءِ قانونسازيءَ ۽ ادارتي قدمن جي حمايت ڪئي. لالا غلام محمد اسراڻ چيو ته ڳوٺاڻي عورتن جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي ته کين معياري تعليم صحت جون بهتر سهولتون صاف پيئڻ جو پاڻي روزگار جا موقعا زرعي سهائتا فني سکيا ۽ پنهنجي محنت جو مناسب معاوضو فراهم ڪيو وڃي. خاص طور تي ٻهراڙين ۾ عورتن کي صحت جي سهولتن تائين رسائي ٻارن جي تعليم، غذائيت ۽ معاشي خودمختياريءَ لاءِ وڌيڪ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. هن چيو ته ڳوٺاڻي عورت رڳو پنهنجي خاندان نه پر سڄي سماج جي ترقيءَ جي ضامن آهي. جيڪڏهن عورت تعليم يافته معاشي طور مضبوط ۽ سماجي طور بااختيار هوندي ته سندس خاندان ڳوٺ ۽ ايندڙ نسل به ترقي ڪندا. آخر ۾ لالا غلام محمد اسراڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي مشن کي اڳتي وڌائيندي عورتن جي عزت، برابري، تحفظ ۽ خودمختياريءَ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي. ڳوٺاڻي عورتن کي سندن جائز حق ڏيڻ سندن محنت جو اعتراف ڪرڻ ۽ کين ترقيءَ جي سفر ۾ برابر جو شريڪ بڻائڻ ئي ڳوٺاڻي عورتن جي عالمي ڏينهن جو حقيقي پيغام آهي.

بقايا عوامي سوچ 30

آباد جي ڊائريڪٽر عتيق راٺوڙ پاران ڪوڪر محلا حيدرآباد ۾ يونيڪ موٽرز جي نئين ماڊل جي رونمائي لاءِ هڪ شاندار ۽ باوقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سياسي، سماجي ۽ ڪاروباري شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدر سينيٽر عزيز ڌامراً، يونيڪ گروپ انڊسٽريز ڊي ايس موٽرز جي ڊائريڪٽر اسد گهانگهرا، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، چيئرمين يونين ڪائونسل 35، انور راٺوڙ ۽ دانيال ابڙو ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. آخر ۾، ڊائريڪٽر راٺوڙ آٽوز عتيق راٺوڙ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سڀني معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ انهن جي موجودگي کي پنهنجي لاءِ فخر ۽ اعزاز جو ذريعو قرار ڏنو ۽ سڀني معزز مهمانن جي پيار، تعاون ۽ حوصلا افزائي تي خوشي جو اظهار ڪيو. منظور خلجي، ياسين خلجي، چيئرمين فيض محمد خلجي، جاويد پائي، اصغر خلجي، سيد احمد رضا شاهه، مهيش ڪمار، سيد علي مهدي شاهه ۽ ٻيا پڻ تقريب ۾ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 31

واپس رواني، حدخلين خلاف ڪارروائي لاءِ پهتل ٽيم خلاف شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙن افضل شاهه، گلزار شاهه ۽ ايڊووڪيٽ گلزار خاصخيلي سميت ٻين شهرين الزام هنيو آهي ته حدخلين خلاف ڪارروائي جي نالي تي مبينا طور ذاتي دشمني جو مظاهرو ڪيو پيو وڃي، جڏهن ته شهر جي ٻين علائقن کي نظرانداز ڪري صرف مخصوص دڪانن کي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن شهر ۾ حدخلين خلاف ڪارروائي ڪرڻي آهي ته اها بنا ڪنهن فرق جي ڪئي وڃي، جيئن قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو نظر اچي. سندن چوڻ آهي ته سڄي شهر ۾ جيڪڏهن غيرقانوني اڏاوتون موجود آهن ته پوءِ صرف چونڊيل دڪانن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بابت سوال پيدا ٿين ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته حدخلين خلاف ڪارروائي دوران شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪنهن به دڪاندار يا شهري سان ناانصافي نه ڪئي وڃي. هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته احتجاج ڪندڙن جي خدشن جو نوٽيس وٺي معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ قانون موجب سموري شهر ۾ هڪجهڙي پاليسي اختيار ڪئي وڃي، جيئن ڪنهن به شهري کي ذاتي دشمني يا انتقامي ڪارروائي جو شڪار ٿيڻ جو خدشو نه رهي.

بقايا عوامي سوچ 32

ب، اڏيرولال پوليس جي ڪارروائي، اغوا ٿي ويل نوجوان سنيل ڪمار کي سيهوڻ شهر مان بازياب ڪرايو ويو. ايس ايڇ او اڏيرولال خليل الله رحمان ۽ سندس ٽيم جي ڪوشش سان نوجوان جي بازيابي عمل ۾ آئي. نوجوان جي بازيابي تي سندس وارثن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته وارثن طرفان ايس ايڇ او اڏيرولال خليل الله رحمان کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪري پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو. ان موقعي تي وارثن اڏيرولال پوليس ۽ ايس ايڇ او خليل الله رحمان جا ٿورا مڃيندي چيو ته پوليس جي فرض شناسي ۽ ڪوشش سبب سندن نوجوان خيريت سان بازياب ٿي گهر واپس پهتو آهي. واضح رهي ته نوجوان جي بازيابي واري ڪارروائي اڏيرولال پوليس جي اهم ڪاميابي قرار ڏني پئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 33

ر آفيسرن کان بعد از محڪمہ جاتي انڪوائري رپورٽن جي روشني ۾ ايڪشن ۽ برطرف پوليس ملازمن طرفان ملازمت تي ٻيهر بحالي جي (91) اپيلن سميت ٽرانسفر جي درخواستن تي هيٺيان حڪم جاري ڪيا ويا تفصيل موجب انسپيڪٽر عمران خان پيو کي ٻن شوڪاز نوٽيسن ۾ هڪ هڪ سال سروس ختم، سب انسپيڪٽر فرحان علي انصاري جي هڪ سال سروس ختم،سب انسپيڪٽر سيد اظهر حسين شاهه اي ايس آءِ کي ٻيهر سب انسپيڪٽر جي عهدہ تي بحال ڪندي ٻن سالن جي سروس ختم،ضلعو گهوٽڪي ٽرانسفر،سب انسپيڪٽر اشرف علي مهر کي ڏنل ٽن شوڪاز نوٽيسن مان ٻن شوڪاز نوٽيسن ۾ ترتيب وار هڪ هڪ سال سروس ختم ۽ ٽئين شوڪاز نوٽيس ۾ ٻن سالن جي سروس ختم،انسپيڪٽر غلام شبير ڪوڙو جي هڪ سال سروس ختم،سب انسپيڪٽر انعام علي عباسي جي هڪ سال سروس ختم،هيڊ ڪانسٽيبل بخت علي شيخ جي هڪ سال سروس ختم،هيڊ ڪانسٽيبل غلام حسين چاچڙ جي هڪ سال سروس ختم،هيڊ ڪانسٽيبل روشن دين ڪلهوڙو جي ٻن سالن جي سروس ختم،پوليس ڪانسٽيبل منصور علي گڏاڻي جي هڪ سال سروس ختم،پوليس ڪانسٽيبل روشن علي جکراڻي جي هڪ سال سروس ختم،پوليس ڪانسٽيبل رب نواز ميراڻي جي ٻن سالن جي سروس ختم جي سزا تي اپيل کي منظور ڪندي ان کي هڪ سال سروس ختم ڪرڻ ۾ تبديل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا،انسپيڪٽر علاؤالدين قلپوٽو،عمران خان پيو،گل محمد مهر،محمد بچل قاضي،سعيد قاضي،علي گل ملاح،الله وڏايو پتافي،بخت علي، يار محمد پيو،بشير احمد پيو،جهانگير مهر،آصف مغل،عبدالرزاق ٽيبو اشرف علي منگي،غلام عباس ملاح،اسسٽنٽ زاهد سومرو،سينئر ڪلارڪ محمد دين دائودپوٽا،سينئر ڪلارڪ صدرالدين ڏاريجو،جونيئر ڪلارڪ عمران علي جسڪاڻي،سب انسپيڪٽر اشرف احمد قلپوٽو،شوڪت آرائين، قاسم علي ممتاز،عاشق علي لغاري، پير بخش پتو،عبدالشڪور وسان،ڪفايت الله ناريجو، غلام اڪبر ميراڻي، امداد علي شيخ، فرحان علي انصاري،سڪندر علي ڏاهري، سلطان راڄپر، محمد حسن پيو،اي ايس آءِ رسول بخش دايو،غلام قادر بلو،الله جوايو رند،علي اصغر جسڪاڻي، محمد علي شر،محمد پناهه،هيڊ ڪانسٽيبل ساماڻو قمبراڻي،پوليس ڪانسٽيبل پير بخش گڏاڻي،حسن خان ڪورائي،عبدالوحيد خروس، اعجاز احمد،زين العابدين ڪوڙو،منصول ساماڻو قمبراڻي،پوليس ڪانسٽيبل پير بخش گڏاڻي،حسن خان ڪورائي،عبدالوحيد خروس، اعجاز احمد،زين العابدين ڪوڙو،منصور احمد پتي،جمشير سولنگي،روشن علي جکراڻي،محمد رفيق آرائين،رميش ڪمار،زاهد اقبال،سينيٽيشن ورڪر لڪڻ، ڊرائيور هيڊ ڪانسٽيبل عبدالغني سومرو جي شوڪاز نوٽيسن کي فائل ڪندي تنبيہ/ وارننگ،وڌيڪ انسپيڪٽر صويدار علي عمراڻي جو ٻن سالن جو ساليانو انڪريمنٽ ۽ پوليس ڪانسٽيبل صدام حسين چانڊيو کي تنبيہ ۽ ٻن سالن تائين ننڍو منشي مقرر ڪرڻ تي پابندي جا حڪم جاري ڪيا ويا،هيڊ ڪانسٽيبل رياض احمد سيلرو جي انڪوائري ايس ايس پي سکر،سب انسپيڪٽر فرحان علي انصاري،برطرف سب انسپيڪٽر اعظم خان مڪراڻي جي انڪوائري ايس پي ڪمپلينٽ سيل رينج آفيس سکر،برطرف پوليس ڪانسٽيبل شهاب حسن مڪراڻي جي انڪوائري ڊي ايس پي ڪمپلين سيل رينج آفيس سکر،هيڊ ڪانسٽيبل منظور علي بوزدار، پوليس ڪانسٽيبل عطاالله ڪولاچي،پوليس ڪانسٽيبل محمد نواز سومرو جي انڪوائري ڊي ايس پي ايڊمن رينج آفيس سکر، اسسٽنٽ زاهد سومرو جي انڪوائري ڊي ايس پي ايڊمن ۽ اڪائونٽنٽ رينج آفيس سکر کي ڏيڻ جا حڪم،انڪوائري رپورٽن جي روشني ۾ وڌيڪ محڪمہ جاتي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي،برطرف پوليس ڪانسٽيبل نور محمد سومرو جي ٻيهر نوڪري تي بحالي جي اپيل کي رد ڪرڻ جا حڪم ،برطرف پوليس ڪانسٽيبل اختر علي ڪلهوڙو،محمد عيسيٰ ملڪ، امان الله بلو ۽ منصور علي جي اپيلن تي ايس ايس پي ڪمپلين سيل رينج آفيس سکر ۽ انچارج رينج انڪوائري سيل 02 کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا،انڪوائري رپورٽن جي روشني ۾ وڌيڪ ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي،برطرف پوليس ڪانسٽيبل شوڪت علي ڳوپانگ کي جبري رٽائر ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا،برطرف پوليس ڪانسٽيبل بلال حسين راجپوت جي نوڪري تي بحالي جي اپيل کي منظور ڪندي نوڪري تي بحال ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا،انسپيڪٽر گل محمد مهر ۽ پوليس ڪانسٽيبل عزيزالله جامڙو جي درخواستن تي ٽرانسفر ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا،اردلي روم ۾ هيڊ ڪلارڪ اسسٽنٽ اصغر پيو ۽ اسسٽنٽ سيد عامر علي شاهه به موجود هيو.ڊي آءِ جي سکر رينج ناصر آفتاب پنهنجي پيغام ۾ واضح ڪيو ته ڪنهن به قسم جي غفلت لاپرواهي، مجرماڻي سرگرمين،قانوني اختيارن کان تجاوز،سماجي براين ۾ ملوث آفيسر ۽ اهلڪار ڪنهن به قسم جي رعايت جا مستحق نه هوندا ۽ انهن خلاف سخت ترين قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي ۽ سٺي ڪارڪردگي تي انعامن سان نوازيو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 34

زخمي ڪري وڌو هو، جنهن جو تعلقي اسپتال مان بروقت علاج ڪرايو ويو ۽ ويڪسين جون ٽي انجيڪشنون لڳرايون ويون، پر گذريل رات نينگر جي ٻيهر اوچتو طبيعت خراب ٿي وئي ۽ اڄ هو فوت ٿي ويو آهي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن
وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان
دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

ڪلسٽر پاليسي جي خاتمي سميت استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪرائڻ لاءِ پوري سنڌ ۾ استادن پاران بک هڙتال

بک هڙتال ۾ پ ٽ الف، تعلقي شاهبندر جي صدر اياز آخوند، جنرل سيڪريٽري غلام رسول اوٺو، قاسم ڪانٽ فيض محمد جلباڻي آدم خان ۽ ٻيا استاد شامل هئا

ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي هٿن ۾ بينر کڻي ڪلسٽر پاليسي جي خاتمي ۽ پنهنجن جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ سخت نعريبازي

ڪلسٽر پاليسي ختم ڪري استادن لاءِ سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي، پينشن رولز ڪي مستقل بنيادن تي ختم ڪيو وڃي

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) ڪلسٽر پاليسي جي خاتمي سميت استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪرائڻ لاءِ پوري سنڌ ۾ استادن پاران احتجاجي تحريڪ جي سلسلي اڄ 3 ڏينهن ب پ ت الف تعلقي شاهبندر پاران چوهڙجمالي ۾ ٽوڪن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

پوليس جي ڪارروائي، چوري ٿيل 19 بيٽريون ۽ يونيڪ موٽرسائيڪل هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) پوليس جي ڪارروائي، چوري ٿيل 19 بيٽريون ۽ يونيڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

پرائمري استاد عامر مگسي جو پوليس اهلڪار خداڏنو کهري تي حراسان ڪرڻ، بداخلاقي ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ جا الزام

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) ڪرياڙي موري جي پرائمري استاد عامر مگسي جو پوليس اهلڪار خداڏنو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

بدين ۾ صحت جي سهولتن جي بهتري لاءِ ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد جي صدارت هيٺ اهم گڏجاڻي

موبائل هيلٿ گاڏين جون خراب ايڪسري مشينون هڪ هفتي اندر ٺيڪ ڪرڻ جي هدايت

جنهن ۾ لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن صحت جي سهولتن، جاري منصوبن ۽ درپيش مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

صحت جون بنيادي سهولتون هر شهري جو بنيادي حق آهن ۽ سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن

بدين (رپورٽر رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ صحت جي سهولتن جو جائزو وٺڻ ۽ عوام ڪي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي حوالي سان صحت کاتي، پي پي ايڇ آءِ ۽ انڊس اسپتال جي آفيسرن جي اه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

بدين: ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد صحت کاتي جي ڪارڪردگي ۽ معاملن جو جائزو وٺڻ لاءِ گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهي آهي

بدين: ڈپٹی کمشنر زارا زاہد محکمہ صحت کی کارکردگی اور امور کا جائزہ لینے کے لیے اجلاس کی صدارت کر رہی ہیں

ڳوٺاڻي عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ڳوٺاڻين عورتن لاءِ هڪ آگاهي سيشن منعقد

خدمتن کي مڃتا ڏيڻ سان گڏ کين قانوني حقن، تحفظ ۽ موجود سهولتن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ هو

ٻهراڙيءَ جون عورتون ملڪ جي زرعي معيشت، سماجي ترقي ۽ گهريلو نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) ڳوٺاڻي عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان عورتن جي ترقي واري کاتي ٿرپارڪر جي اسسٽنٽ ڊائري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

پاپوليشن ويلفيئر کاتي ۾ ڀرتين جي ميرٽ تي سوال، اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

فيميل گريڊ فيملي ويلفيئر اسسٽنٽ جي ڀرتين بابت اميدوار پاران ميرٽ جي مبينا لتاڙ ۽ ناانصافي جون شڪايتون سامهون آيون

ڪيس 60 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ٿيون، ان باوجود ڪيس ميرٽ ۾ نظرانداز ڪيو ويو

ضلعي پاپوليشن آفيسر طرفان ڀرتين جي عمل ۾ مبينا طور پئسن جي عيوض گهٽ مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن کي نوازيو ويو آهي

بدين: (رجب راهمون) پاپوليشن ويلفيئر کاتي ۾ ڀرتين جي ميرٽ تي سوال، اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو پاپوليشن ويلفير ڊپارٽمينٽ ضلعي بدين ۾ فيميل گريڊ فيملي ويلفيئر اسسٽنٽ جي ڀرتين بابت اميدوار پاران ميرٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ٽلهار ۾ ويٽ اينڊ ميئر مينٽ ماپ تور جي ڪراچي ۽ بدين جي ٽيم آفيسرن پاران ٽلهار جي رائيس ملز ۾ هلندڙ ڪانٽن جي چڪاس ڪئي

رائيس ملز ۾ هلندڙ ڪانٽن جي چڪاس ڪئي ڪانٽن جي چڪاس دوران ڪانٽن کي بهتر بڻائڻ لاءِ وارننگ ڏني وئي

عملي پاران سمورن ڪانٽن جي چڪاس ڪئي آهي ڪجهه ڪانٽن کي درست ڪرڻ لاءِ مل مالڪن کي ڪانٽا درست ڪرڻ لاءِ ليٽر ڏنو ويو آهي

هن وقت سارين جي سيزن هلي رهي آهي اگر ڪنهن به زميندار يا واپاري کي ڪنهن به مل ڪانٽي مان ڪا به شڪايت هجي

ٽلهار (رپورٽ مختياراحمد ملاح) ٽلهار ۾ ويٽ اينڊ ميئر مينٽ ماپ تور جي ڪراچي ۽ بدين جي ٽيم آفيسرن پاران ٽلهار جي رائيس ملز ۾ هلندڙ ڪانٽن جي چڪاس ڪئي ڪانٽن جي چڪاس دوران ڪانٽن کي بهتر بڻائڻ لاءِ وارننگ ڏني و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

آل پاڪستان لوڪل گورنمنٽ ورڪرز فيڊريشن سنڌ طرفان ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ اعلانيل احتجاج

ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي ملازمن کي رٽائرڊ ٿيندي وڏو عرصو گذرڻ باوجود ڪين اڃان تائين گريجوئٽي سميت ڪا ادائگي ٿي ناهي سگهي

جنهن ڪري رٽائرڊ ٿيل سمورا ملازم هن مهنگائي واري دور ۾ سخت پريشان آهن، هنن انڪشاف

88 رٽائرڊ ٿيل ملازمن مان 15 کان 20 ملازم فوت ٿي چڪا آهن، جن جا خاندان سخت پريشان آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) آل پاڪستان لوڪل گورنمنٽ ورڪرز فيڊريشن سنڌ طرفان ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ اعلانيل احتجاج جي سڏ تي ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي ڪيترن ئي رٽائرڊ ٿيل ملازمن پاران هڪ احتجاجي مظاهرو ٺٽ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ڳوٺ پرسان چام واهه مٿان پل نه هجڻ ڪري ڳوٺاڻن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

ڪيترين ئي بجيٽون پاس ٿيڻ باوجود گذريل ٽن سالن کان چونڊيل نمائندن پاران پل تعمير ڪرائڻ لاءِ پل جي سروي ڪرائڻ باوجود پل تعمير ٿي ناهي سگهي

نئي هڪ سئو گهرن تي مشتمل هن ڳوٺ ۾ اسڪول، صحت مرڪز سميت ڪا بنيادي سهوليت ميسر ٿي ناهي سگهي

ڳوٺ جا ٻارڙا ڳوٺ ۾ اسڪول نه هجڻ ڪري هڪ ڪلوميٽر پري ٺٽو/جهمپير روڊ ڪراس ڪري ٽوڙي ناري ڇچ واهه پار ڪري اسڪولن ڏانهن تعليم پرائڻ لاءِ وڃن ٿا

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ويجهو درگاهه ستيون لڳ يوسي چتوچند جي ڳوٺ خالو ميربحر جي ڳوٺ پرسان چام واهه مٿان پل نه هجڻ ڪري ڳوٺاڻن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ته ٻئي طرف ڪيترين ئي بجيٽو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

محبت ۽ ڀائيچاري جو شاندار اظهار پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي هڙتال ڪيمپ ۾ استادن جي حقن لاءِ احتجاج

گسٽا ضلعي ٺٽي جي ساٿين بک هڙتال ڪيمپ تي پهچي پ ٽ الف جي اڳواڻن ۽ بک هڙتال تي ويٺل استادن سان محبت، يڪجهتي ۽ ڀائيچاري جو اظهار ڪيو

گسٽا جي دوستن استادن لاءِ ٿڌي پاڻي جون بوتلون، جوس ۽ ٻيون شيون پيش ڪري پنهنجي محبت ۽ سات جو ثبوت ڏنو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) استادن جي حقن لاءِ گڏيل جدوجهد، محبت ۽ ڀائيچاري جو شاندار اظهار پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي پ ٽ الف ضلعي ٺٽي جي هڙتال ڪيمپ ۾ استادن جي حقن لاءِ احتجاج جاري آهي، ان موقعي تي گسٽا ضلعي ٺٽي جي ساٿين بک هڙتال ڪيمپ تي پهچي پ ٽ الف جي اڳواڻن ۽ بک هڙتال تي ويٺل استادن سان محبت، يڪجهتي ۽ ڀائيچاري جو اظهار/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ٺٽو پوليس جو ڪامياب پوليس مقابلو

پوليس مقابلي دوران موٽرسائيڪل ڦرڻ، ڌاڙن ۽ روڪ رقم ڦرڻ جي وارداتن ۾ ملوث سرگرم ڌوهاري سلمان ملاح زخمي حالت ۾ گرفتار

ٺٽو پوليس پاران ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايٖن جو سلسلو جاري آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو پوليس جو ڪامياب پوليس مقابلو پوليس مقابلي دوران موٽرسائيڪل ڦرڻ، ڌاڙن ۽ روڪ رقم ڦرڻ جي وارداتن ۾ ملوث سرگرم ڌوهاري سلمان ملاح زخمي حالت ۾ گرفتار، پستول ۽ موٽرسائيڪل هٿ. ا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (پي ٽي الف) جي مرڪزي قيادت جي سڏ تي بک هڙتال

ڪارڪنن شرڪت ڪري حڪومت کان پنهنجا جائز مطالبا فوري طور منظور ڪرڻ جو مطالبو

پرائمري استادن جا جائز مسئلا ڊگهي عرصي کان حل طلب آهن

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (پي ٽي الف) جي مرڪزي قيادت جي سڏ تي روهڙي پريس ڪلب آڏو پرائمري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

دليرانه آواز اٿارڻ تي 'اينٽي اسٽريٽ ڪرائم فورم ڪراچي' جي خدمتن کي زبردست لفظن ۾ ساراهيو

فورم جي چيئرمين سيدالحسن وڪيل ۽ عهديدارن کي اعزازي شيلڊ سان نوازيو آهي

قانون جي پيچ ڪڙي خلاف سخت ڪاروائي جو مضبوط عظم پڻ ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد ضلعي ڪورنگي ۾ هيومن ٽيرين گرائونڊ ۽ جرائم پيشه ماڻهن خلاف دليرانه/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ميرپورخاص جي تعليم کاتي ۽ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جي وچ ۾ استادن جي تربيت لاءِ معاهدو

استادن کي عورتن جي بااختيار بڻائڻ، صنفي تشدد جي روڪٿام ۽ مثبت مردانگي جي واڌاري بابت تربيت ڏني ويندي

عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ تشدد کان پاڪ، محفوظ ۽ برابري وارو سماج ٺاهڻ جي طرف هڪ اهم ۽ موثر قدم آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص جي تعليم کاتي ۽ سول سوسائٽي سپورٽ پروگرام جي وچ ۾ استادن جي تربيت لاءِ م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڪمشنر ميرپورخاص جي صدارت هيٺ وومن ليڊرشپ فورم جو اجلاس

جن تي ڪمشنر لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي خاطري ڪرائي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص شهميرخان پتوچيو آهي ته شهرين جي مسئلن جي حل، بنيادي سهولتن جي بهتر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

سجاول ۾ ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ معاشي موقعا فراهم ڪرڻ تي زور ـ

ڳوٺ فتح محمد سومرو، تعلقي ۽ ضلعي سجاول ۾ ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ۾ ٻهراڙيءَ جي عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو. عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ معاشي موقعا فراهم ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

SPHF
NRSP
Celebrating International Day of Rural Women
15 OCTOBER

ڏورونارو: پيءُ پاران ڇهن معصوم نياڻين سميت زهريلي دوا پيئڻ جي ڪوشش

جنهن سبب پيءُ سميت پنج ئي ڄڻا بيهوش ٿي ويا

ڳوٺاڻن کين ڳڻتي جوڳي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر ڏورونارو پهچايو، جتان طبي امداد بعد وڌيڪ علاج لاءِ عمرڪوٽ ريفر ڪيو ويو

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ڏورونارو پرسان ڳوٺ حاجي نواب علي راڄڙ جي علائقي بلديا ۾ 30 ورهين جي ڪيمچند ڪولهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

خاصخيلي قوم قديمي ۽ باعزت قوم آهي، برادري جي اتحاد ۽ ترقي لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين: منيراحمد خاصخيلي

پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه عوامي حقن ۽ غريبن جي ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي: منيراحمد خاصخيلي

بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ نوجوانن کي اڳتي آڻڻ لاءِ ڪوششون جاري

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) خاصخيلي قوم قديمي ۽ باعزت قوم آهي، برادري جي اتحاد ۽ ترقي لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين: مني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

دادو ۾ اٽي جا اگهه آسمان تي پهچي ويا، غريب پورهيت ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان

سنڌ سرڪار کان سبسڊي ڏيڻ جو مطالبو، 3500 رپيا مڻ خريد ڪيل ڪڻڪ ملز مالڪن کي 5000 رپيا مڻ ڏيڻ جو اعلان

اٽو 170 کان 200 رپيا ڪلو تائين وڪرو ٿيڻ جون دانهون، مهانگائي سبب مزدور ۽ ڏهاڙي وارا سخت مالي بحران جو شڪار

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو سميت سنڌ ۾ اٽي جي اگهن ۾ واڌ سبب غريب، مزدور ۽ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو سخت مالي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم ابوالحسن ٺٽوي مڪلي جي ستين ڪلاس ۾ هڪ معلوماتي تقريب منعقد

هن ڏينهن جو مقصد دنيا ۾ بک، غذائي کوٽ، کاڌي جي غير مساوي ورڇ ۽ کاڌي جي ضايع ٿيڻ جي مسئلن بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي

هن ڏينهن تي اسان کي اهو احساس ڏياريو ويندو آهي ته کاڌو هر انسان جي بنيادي ضرورت آهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) خوراڪ جو عالمي ڏينهن هر سال 16 آڪٽوبر تي سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندو آهي. هن ڏينهن جي مناسب سان گورنم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

جنگشاهي: حاجي عثمان جوکيو جي ڳوٺ ۾ ٻارڙن ۾ ڪتاب ورهايا ويا، تعليمي سهڪار جي خاطري

ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ امجد انور علي ڪريمي ۽ احمد علي ڪريمي پاران شاگردن ۾ ڪتاب ورهايا ويا

ان موقعي تي اسڪول جي ٻارڙن جي تعليمي بهتري لاءِ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪرڻ جي خاطري پڻ ڪرائي وئي

جنگشاهي (رپورٽر) : جنگشاهي پرسان حاجي عثمان جوکيو جي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ امجد انور علي ڪريمي ۽ احمد علي ڪريمي پاران/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ڄامشورو: انڊس هاءِ وي تان هلندڙ مزدا مان 4 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جون 11 سولر پليٽون چوري

نامعلوم هٿياربند جوابدار ڪراچي کان دادو ويندڙ مزدا گاڏي مان لکين رپين جي ماليت جون 11 سولر پليٽون چوري ڪري فرار

واقعو خانوٽ ٽاڻي جي حدن ۾ پيش اچڻ جو ٻڌايو پيو وڃي، چوري ٿيل سولر پليٽن جي ماليت 4 لک رپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي

واقعي ڪانپوءِ ڊرائيور ۽ ڪلينر قانوني ڪارروائي لاءِ ڪيترن ئي ڪلاڪن کان خانوٽ ٿاڻي تي موجود آهن

ڄامشورو (رپورٽر) انڊس هاءِ وي تي نامعلوم هٿياربند جوابدار ڪراچي کان دادو ويندڙ مزدا گاڏي مان لکين رپين جي ماليت جون 11 سولر پليٽون چوري ڪري فرار ٿي ويا. واقعو خانوٽ ٿاڻي جي حدن ۾ پيش اچڻ جو ٻڌايو پيو وڃي. چوري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ڄامشورو: انڊس هاءِ وي تان هلندڙ مزدا مان 4 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جون 11 سولر پليٽون چوري

اٽي جي مهانگائي خلاف دانهن ڪندڙ پورهيت لاهوتي ميرل ملاح لاڏاڻو ڪري ويو

اٽي جي وڌندڙ اگهن ۽ مهانگائي خلاف دانهن ڪندڙ لاهوتي ميرل ملاح جي وچوڙي تي سنڌس سڄاڻپ رکندڙن ۾ ڏک جي لهر ڇانئيل

اڄ لاهوتي ميرل ملاح ته اسان جي وچ ۾ ناهي رهيو، پر سنڌس دانهن سماج اڳيان ڪيترائي سوال ڇڏي وئي آهي

آخر غريب ۽ پورهيت ڪيتري دير تائين مهانگائيءَ جو بار برداشت ڪندا رهندا؟ بک، بيروزگاري ۽ وڌندڙ اگهن سبب پريشان ماڻهن جي آواز کي ڪير ٻڌندو؟

بوبڪ (رپورٽر) سيٺ موٽو مل وٽ ڪم ڪندڙ، ڪور جي مياٽي ۽ بوبڪ واسي پورهيت لاهوتي ميرل ملاح هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. اٽي جي وڌندڙ اگهن ۽ مهانگائي خلاف دانهن ڪندڙ لاهوتي ميرل ملاح جي وڇوڙي تي سنڌس سڃاڻپ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد پاران ٻارهين ڪلاس جي داخلا ۽ رجسٽريشن لاءِ شيڊول جاري

آن لائن فارم جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 16 نومبر مقرر

مقرر وقت اندر شاگردن جي داخلا ۽ رجسٽريشن جو عمل مڪمل ڪيو وڃي

نوابشاهه (رپورٽر) ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ شهيد بينظيرآباد جي سيڪريٽري پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته تعليمي بور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

اخبار مارڪيٽ کي فوري طور تي ڊي سيل ڪري سڄي ملڪ جي اخبار فروشن جي معاشي مفادن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي: عمران خانزاده

اخبار مارڪيٽ ملڪ ۾ اخبارن جي ترسيل ۽ ورهاست واري نظام ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي

مارڪيٽ کي سيل ڪرڻ سان اخبار فروشن جي روزگار، ڪاروباري سرگرمين ۽ اخبارن جي ورهاست واري نظام تي ناڪاري اثر پوڻ جو خدشو آهي

اخبار فروشي سان وابسته ماڻهو اڳ ئي معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) اخبار فروش يونين ٽنڊوالهيار جي صدر محمد عمران خانزاده، نائب صدر بشير شاهه ۽ جنرل سيڪريٽري طفيل احمد عبدالواحد سمون اسلام آباد اخبار مارڪيٽ کي ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي سي ڊي اي پاران سيل ڪرڻ واري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

تعليم کاتي سجاول پاران چار استادن کي معطل ڪرڻ خلاف نوجوانن ۽ شهرين پاران ريلي

آيل اسپيسيفڪ بجيٽ اسڪول تي ئي خرچ ڪرڻ جو مطالبو ڪرڻ تي هيڊ ماستر استادن تي مڇرجي پيو ۽ استادن کي هيسائڻ لڳو

جنهن تي استادن پاران اهڙي شڪايت ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سجاول کي ڏني وئي

الٽو اسڪول جي چار استادن ڪاشف احمد ميمڻ، شيراز ميربحر، پون ڪمار ۽ علي اڪبر ڪوسو کي معطل ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

سجاول (رپورٽر) سجاول ضلعي جي بوائز هائي اسڪول مريد ڪوسو اسڪول جي هيڊ ماستر کي اسڪول لاءِ آيل اسپيسيفڪ بجيٽ اسڪول تي خرچ ڪرڻ جي مطالبي بعد تعليم کاتي سجاول پاران چار استادن کي معطل ڪرڻ خلاف استادن، وڪيلن، م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

سجاول: تعليم کاتي سجاول پاران چار استادن کي معطل ڪرڻ خلاف نوجوانن ۽ شهرين پاران ريلي ڪڍي وئي

مٺيءَ جي معزز شخصيت مکي راڻومل لوهاڻو لاڏاڻو ڪري ويو

مٺي /ٿرپارڪر (رپورٽر) مٺيءَ جي معزز مکي گهراڻي سان تعلق رکندڙ، سماجي خدمتن، سخاوت /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪلوئي ۾ حيدرآباد واسي جوڙي جو تحفظ لاءِ احتجاج

مٺي /ٿرپارڪر:(رپورٽر) حيدرآباد واسي پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي مبينا قتل جو خدشو ظاهر ڪندي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ تاريخي قدم کنيا آهن: لالا غلام محمد اسراڻ

پيپلز هائوسنگ اسڪيم تحت 21 لک بي گهر ۽ ضرورتمند خاندانن جي بحاليءَ جا قدم پڻ اهميت رکن ٿا

عورتن کي گهرن جي مالڪيءَ ۾ شامل ڪرڻ جو مقصد کين محفوظ ڇت سماجي تحفظ ۽ باوقار زندگيءَ جو حق ڏيڻ آهي

عورت تعليم يافته معاشي طور مضبوط ۽ سماجي طور بااختيار هوندي ته سنڌس خاندان ڳوٺ ۽ ايندڙ نسل به ترقي ڪندا

قمبر (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي جنرل سيڪريٽري لالا غلام محمد اسراڻ ڳوٺاڻي عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته ڳوٺاڻي عورت سنڌ جي سماجي معاشي ۽ زرع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

حيدرآباد ۾ يونيڪ موٽرز جي نئين ماڊل جي رونمائي ڪئي وئي

منعقد ڪيل تقريب ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدر، ڪاروباري ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي

سيد غلام مصطفيٰ شاهه، چيئرمين يونين ڪائونسل 35، انور راڻوڙ ۽ دانيال ابڙو ۽ ٻين معزز شخصيتن شرڪت ڪئي

آخر ۾، ڊائريڪٽر راڻوڙ آٽوز عتيق راڻوڙ تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سڀني معزز مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو

حيدرآباد (رپورٽر) يونيڪ موٽرز جي نئين ماڊل جي رونمائي ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي حيدرآباد ڊويزن جي صدر، ڪاروباري ۽ معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. تفصيل موجب، راڻوڙ آٽوز حيدر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

حيدرآباد ۾ يونيڪ موٽرز جي نئين ماڊل جي رونمائي ڪئي وئي

اڏيرولال ۾ حدخلين هٽائڻ لاءِ پهتل ٽيم خلاف شهرين جو احتجاج

اڏيرولال (رپورٽر) اڏيرولال وليج ۾ حدخلين کي هٽائڻ لاءِ پهتل ٽيم خلاف شهرين جو احتجاج، ٽيم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

اڏيرولال پوليس جي ڪارروائي، اغوا ٿيل نوجوان بازياب

اڏيرولال (رپورٽر) اڏيرولال پوليس جي ڪاميابي، اغوا ٿيل نوجوان سنيل ڪمار سيهوڻ مان بازيا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

انسپيڪٽر عمران خان ڀيو کي ٻن شوڪاز نوٽيسن ۾ هڪ هڪ سال سروس ختم، سب انسپيڪٽر فرحان علي انصاري جي هڪ سال سروس ختم

سب انسپيڪٽر سيد اظهر حسين شاهه اي ايس آءِ کي ٻيهر سب انسپيڪٽر جي عهدي تي بحال ڪندي ٻن سالن جي سروس ختم

ضلعو گهوٽڪي ٽرانسفر، سب انسپيڪٽر اشرف علي مهر کي ڏنل ٽن شوڪاز نوٽيسن مان ٻن شوڪاز نوٽيسن ۾ ترتيب وار هڪ هڪ سال سروس ختم ۽ ٽئين شوڪاز نوٽيس

سکر (رپورٽر) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي پوليس جي اندروني احتسابي عمل لاءِ ڏنل حڪمن جي روشني ۾ ڊي آءِ جي سکر رينج ناصر آفتاب طرفان سکر رينج جي پوليس آفيسرن/ اهلڪارن تي ڪرپشن، غير قانوني سرگرمين، اختيارن جو ناجائز استعمال ۽ تجاوز، ڏوهن ۾ اضافو ۽ ڏوهن کي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪامي جي الزامن تي سخت شهرت وارن نامزد سينئ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33

ماتلي جي ڪيٽي پاڙي ۾ رولو ڪتي جو ڏاڙهيل 6 ورهين جو ذيشان پٽ عرفان شيدي فوت

ٻه مهينا اڳ سنڌس پٽ ذيشان کي پاڙي ۾ راند ڪندي رولو ڪتي ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو هو

جنهن جو تعلقي اسپتال مان بروقت علاج ڪرايو ويو ۽ ويڪسين جون ٽي انجيڪشنون لڳرايون ويون

ماتلي (رپورٽر) ماتلي جي ڪيٽي پاڙي ۾ رولو ڪتي جو ڏاڙهيل 6 ورهين جو ذيشان پٽ عرفان شيدي فوت ٿي ويو آهي. فوتي نينگر جي پيءُ عرفان شيدي جو چوڻ آهي ته ٻه مهينا اڳ سنڌس پٽ ذيشان کي پاڙي ۾ راند ڪندي رولو ڪتي ڏاڙهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر34